ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا



ڪيمن مولاڻي

ساهت ۽ ڪلا جي   ايڊيٽر : لڪمي ڪلاڻي

رچنا

في انڪ : ۲۰ رپيا

Price Rs. 20/
Annual Subscription Rs. 100
Life Subscription Rs. 1000

سال : ۱ Year -1

آنڪ - ۲ Vol -2

(April - June 2005)

پارت کان ٻاهر :
۵۰ يو.ايس. ڊالر

اَپريل - جوُن ۲۰۰۵

پاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
P.O.Box-10, Adipur (Kutch) 370205
Ph: (02836) 263851, E-mail : sindlogy @ wilnetonline.net, Website www. sindhologyind.org



سلسلو

IN LOVING MEMORY OF

LATE SMT. SAVITRI D. HARDASANI



جس واسطي زندگيءَ جي هن سُڃ ۽ رُڃ ۾ سڄي عمر بي هتاش ڊوڙندو ٿو رهي. ڪيس پڇاڙيءَ تائين اهو احساس نٿو ٿئي ته اها مد مست ڪندڙ خوشبوءِ ٻاهر جي دنيوي پدارٿن مان نه، بلڪ سندس اندر ۾ موجود آتما مان اَچي رهي آهي. ڪيس پنهنجي 'مان' جي سڃاڻپ سرير بجاءِ آتما سان جوڙڻ گهربي هئي.

شنڪر آچاريه صديون اَڳ 'جڳت مٿيا - برهم ستيه' ذريعي ماڻهوءَ کي اهوئي احساس ڪرائڻ چاهيو هو ته ٻاهرين دنيا جي سريري سکن پٺيان ڊوڙڻ بجاءِ، پنهنجي آتمڪ اُنتيءَ تي ڌيان مرڪز ڪريو. پاڻ سڃاڻي پاڻ لهو. ويدانت/تصوف موجب آتما ئي 'برهم' آهي. هرڪو انسان پنهنجي آتما سان ساڪياتڪار ڪري پاڻ کي 'اهم برهم سي' يا 'اَنلحق' سڏي سگهيٿو. دُنيا جي بندنن کان پاڻ کي ذهني سطح تي مُڪت ڪرڻ (Self-Realization) ئي انسان جي زندگيءَ جو هڪ ئي واحد اُديش آهي. انسان جي حيثيت هت هڪ غلام جي نه، بلڪ مالڪ جي آهي. هن آنند سروپ سرشٽي ۾ هو پرپور آنند ماڻڻ لاءِ آيو آهي.

سيني ڌرمن/ متن منش جي موڪش/مُڪتي/نرواڻ جا جدا جدا رستا ڏيکاريا آهن. ٻڌ ڌرم ۽ سانکيه درشن 'ايشور' ۽ 'آتما' جي وجود کي ناڪاريو آهي. فرانس جي وڏي ودوان والٽيئر جو چوڻ آهي ته ايشور جو وجود هن سرشٽيءَ ۾ پل نه هجي، تڏهن به اِنسان هن کي پنهنجي عکس انوسار خلقي، پنهنجي ڀلائيءَ ۽ ڀهبوديءَ لاءِ هڪ وڏي اهم ايجاد ڪئي آهي.

آلبرٽ آئينسٽائين ۽ ٻيا وگياني اڄ ان حقيقت کي مڃڻ لڳا آهن ته ڪا هڪ ادرشيه شڪتي، سرشٽيءَ جي هن پيچيدي ڍانچي کي، هڪ مقرر سرشتي انوسار هلائي رهي آهي. اُن کي پراڻ شڪتي، چيتنا شڪتي، اَٽو شڪتي يا ٻئي ڪنهن به نالي سان سڏيون، هن پرڪرتيءَ جي ڪڻ ڪڻ ۾ موجود آهي. هيءَ ڪثرت اُن وحدت جو ظاهر ظهور سروپ آهي.

جسمانيت (Materiality) ۽ روحانيت (Spirituality)

اَڄ جي اِنسان پنهنجيءَ ’مان‘ جي سڃاڻپ جسم سان جوڙي هن زندگيءَ مان رڳو سريري سک ماڻڻ لاءِ دنيوي ملهن کي پَيِ اَپنايو آهي. هو جلد بہ جلد گهٽي کان گهڻو پئسو ۽ شهرت ڪمائي، دُنيا جي وڏن ماڻهن (Celebrities) ۾ پنهنجو شمار ڪرائڻ ٿو چاهي. پنهنجي ان مقصد پورتيءَ (End) لاءِ پل پوءِ ڪيس ڪهڙا بہ ناجائز طريقا (Means) ئي ڇو نہ اَپنائڻا پون، ڪميڻا سمجهوتا ڪرڻا پون، گيٽي جي ’فائوسٽ‘ جيان پنهنجيءَ آتما کي گروي رکڻو پوي.

ڀارت جهڙا پورب جا ديس بہ پڇم جي مادي ترقيءَ سان ريس ڪري، ڪنزيومرزم جي اَرٿ ويوستا اَپنائي، پنهنجي لوڪن جي رهڻيءَ جو درجو وڌائڻ لاءِ، سندن جيون جو درجو هيٺ ڪيرائڻ جي ڊوڙ ۾ شامل ٿي ويا آهن. هت بہ اڄ سيڪس، ڪرائيم، نشيدار دوائن جو وڏو واپار چالو ٿي ويو آهي. نوجوان پيڙهي، هن گليمر جي چڪا- چوئنڌ ڪندڙ طلسمي دنيا کي سچ سمجهي، پاڳلن جيان اُن پٺيان ڊوڙي رهي آهي. پنهنجي سريري واسنائن (Passsions) جو غلام بڻجي، اَڄ جو ماڻهو انهن پٺيان ڊوڙي ڊوڙي، سهڪي سهڪي، ڦاٽن ٿي ڪريٿو. سندس اِها قياس جوڳي حالت ڏسي، شاعر جي منهن مان اَزخود دانهن نڪري ٿي وڃي.

هاءِ سنسارا هت سک نہ مليو سک پائي
نانءَ ٿيو اصل جو، هت آيو مگر عڪس رڳو

هڪ شاعر ئي آهي جيڪو هن سنسار جي عڪس (Appearance) ۽ اصل (Reality) جو ڀيد پنهنجي اَندرينءَ اک سان پرکي سگهيٿو. ڪيس محسوس ٿئي ٿو، ماڻهو ڪستوري مرگهہ جيان پنهنجي جيون

ڪيمن مُولاڻي

پورو نالو : ڪيمن اُڏيرنومل مُولاڻي


جنم : ١٠ جون ١٩٤٤ع

جنم آستان : ڳوٺ درس، تعلقہ مورو، ضلع نوابشاھ (سنڌ)

تعليم : هاير سيڪنڊري پاس

پيشو : رٽائر سپرنٽينڊنٽ، مڌيہ پرديش پي. ڊبليو. ڊي.

ڇپيل ڪتاب : اصلوڪا :



- ٽارين ٽمڪندا ٻُور (ڪوتائون - ١٩٨٦)
- اُڏڙ اُڏڙ زي پوپٽڙا (ٻال ڪوتائون - ١٩٨٩)
- اَکين مٿي اوپرا (ڪوتائون - ١٩٩٥)
- اوسيڙو (اڪ ڪهاڻيون - ١٩٩٨)
- هل ڙي مٽڪا (ٻال ڪهاڻيون ٢٠٠١)
- لنو سنڌيون لاٽيون (ڪوتائون - ٢٠٠٣)
- سهڻا گلڙا ٻار (ٻال ڪوتائون -٢٠٠٥)

ترجمو :
- پڃرو (پارتي ٻولين جي ڪهاڻين جو ترجمو- ١٩٨٨)
- ميگهہ دوت (ڪاليداس - ٢٠٠٥)

هندي ترجما :
- سنڌ ڪا اِتهاس (موهن گيهاڻي)
- سنڌي لوڪ گاٿائين (سنڪلن ۽ سمپادن)
- سانسڪرتڪ باءِ پاس سرجري (ڊا. ستيش روهڙا)

لکَ ڇپيل هندي ترجمو :
- سنڌ اؤر ڪڇ ڪي پراچين سنبنڌ (جينت ريلواڻي)

سنمان :
- سال ٩٣-١٩٩٢ع ۾ NCERT جو 'اُڏڙ اُڏڙ زي پوپٽڙا' ڪتاب تي اِنعام.
- سال ١٩٩٧ع ۾ NCPSL جو 'اکين مٿي اوپرا' ڪتاب تي انعام.
- سال ٢٠٠٢ع ۾ رائيٽرس ائنڊ آرٽسٽس ويلفيئر فائونڊيشن جو سنڌي ادب ۽ ڪلا ۾ يوگدان ڏيڻ لاءِ انعام.

سرنامو : New A -14/134
Bairagarh, Bhopal - 462030

هن سنسار ۾ هيڪڙائي ئي هيڪڙائي آهي، ڪٿي ڪا ٻيائي ڪانهي. سڀ پراڻي هڪ ئي اُپائڻهار جي اؤلاد آهن. هن ڪٽنب جي وڏي هئڻ جي ناتي، اُسريل سُرت واري انسان جو فرض آهي ته 'تون ٻه رهه - مان ٻه رهان' جو اُصول اپنائي، سڀني پراڻين ۽ پرڪرتيءَ جي پرياورڻ جي حفاظت ڪري. مهاتما گانڌي ۽ هن جي پوئلڳن، مارٽن لوٿر ڪنگ ۽ نيلسن منڊيلا، عام انسان جي آزاديءَ، برابريءَ، ۽ آتم سنمان جي لڙائي لڙڻ ۾ سندس اڳواڻي ڪئي. پيار، سچ ۽ اهنسا روحانيت جا اهي هٿيار، هنن لاءِ توپ، تلوار ۽ بمن کان وڌيڪ طاقتور ثابت ٿيا.

ڪي روحانيت جا پانڊيئڙا، ڊاڪٽر جانسن جيان شنڪر آچاريه جي مٿين گفتي کي اکري معنيٰ ۾ ڪٽي، هن سنسار کي سپنو، مٿيا، ڀرم مڃي، اُن جو تياڳ ڪري، گيڙو وستر پهري، هماليه جي غفائن ۾ وڃي ، پنهنجي شخصي مڪتيءَ لاءِ تن کي طرح طرح جا ڪشٽ ڏيندا آهن. آسانجي صوفي شاعرن ٻاهريون ويس رنگائڻ بجاءِ، وڌيڪ زور اندر اُجارڻ تي ڏنو آهي. سرير آتما جو مندر آهي، اُن کي صاف سٿرو، صحتمند رکڻ هر منش جو ڌرم آهي. سرير جي سياويڪ ورتين کي دٻائڻ سان اُن جو نتيجو اُلٽو نڪرندو آهي. اسانجي شاعر زندگيءَ جي ان مام کي بخوبيءَ پروڙيو آهي.

تو روح کي بدن کان ڪئن شيام ڌار ڀانيو
هئن روح چو مري ها، جي جسم سان جئين ها؟

Each soul is potentially divine. The goal is to manifest this Divinity within, by controlling nature, external and internal. Do this either by work or worship, or psychic control, or philosophy - by one or more, or all of these and be free. This is the whole of the relegion - **Swami Vivekanand.**

(٤)

ڏينهن سڄو ئي بس هل هل آ،
هرڪو ماڻهو هتي ٿڪل آ.

جهڙو آهي ماڻي وٽ تون،
ڪونہ موٽندو ڪوئي پل آ.

هڪڙي هنڌ ڪٿي هي بهندو،
من بہ تہ آوارا بادل آ.

ڦيڻ ڪناري تي آ ڪيڏي،
ساگر پڻ ڇا ڪو پاڳل آ؟

پنهنجي ڳالهہ وچي خود چئہ تون،
منهنجو هن سان تندُ ٽٽل آ.

گم ڇو ٿي ويا آهن تارا،
اَڃا تہ پيئي رات ڳپل آ.

لفظن سان تون لفظ ڳنڍين ٿو،
اِئين نہ ٺهندو ڪو بہ غزل آ.

(٥)

دين دنيا سان گڏ هلي پيو ٿو،
هِڪ ڪري ٿو ۽ ٻي چوي پيو ٿو.

گم ڪٿي ٿي وَيو اَٿس ڇهرو،
آرسيءَ کان پتو پڇي پيو ٿو.

مُرڪ سان جنهن ڇِني ڇڏيو ناتو،
ننڊ ۾ خوُد بہ ٽڙي پيو ٿو

هوُ لکي ٿو ڇنيوُن وَڏَن جوُن نِٽ،
اِئن هوُ ٻانيڻ وڏو ٿهي پيو ٿو.

ٻُل ڏئي ٿو اَچي، جهلي بہ اَچي،
شهر سان ڪئن بہ ٻُن ڏئي پيو ٿو.

بخت ٿاهڻ جون سو ڪري ڳالهيون،
جيڪو ڪشتو ڪٽي پني پيو ٿو.

(٦)

اَنگن سان فقط الجهندو جو وتي،
اُهو لفظ کي ڪيئن سمجهي سگهي.

پريءَ ۾ تہ پاڪر ۾ آهي ڪڏهن،
نہ اُپ هڪ سريڪو نہ ماڻهو رهي.

چڙهن ۽ لهن چنڊ سڄ روز ٿا،
اَنڌيرو تڏهن پي نٿو پٽ ڇڏي.

سڪايو تپت اِئين هي دل جو تلاءُ،
ڦڙو ڪو نہ اَک ۾ نظر ٿو اَچي.

ڏئي قوم کي جن ڇڏيو پنهنجو سڀ،
اُنهن ڏي پلا ڪير اڄ ٿو ڏسي.

هتي سک سوين فرحتون عيش سڀ،
مگر ڳوٺ کي ياد تہ بہ من ڪري.

غزل/ ڪيمن يو. مولاڻي

(۱)

تنهنجون آزادگي نعمتون جي ٻڌيون
سي ڪٿي مون ڏٺيون، جن ڏٺيون تن ڏٺيون.

ڪي ڏکن جون گهڙيون، ذلتون بي رخيون،
ڪنهن ڪٿان ٿي وٺيون، ڪنهن ڪٿان ٿي وٺيون.

تو غمن سان ته جهولي ڀري آ ڇڏي،
پر نه ڄاڻان لڪايون ڪٿي تئي خوشيون.

هٿ ٻه ڪيڏو وڏو آ پنهنجو آڳڻ،
پر ڪٿي ٻڙ جوڙ جنهن جون ٻانهون ٻ گهيون.

جي وٺي گهر ۾ آٿي وهاريون اسان،
سي ته هڪ هڪ ڪري حسرتون مون ڏٺيون.

پنهنجي وڻ جي ڪنڊ ٻاڙ ڪي ٿا ڳهرن،
سنڌڙي ڏوهه ڏاهن ڪي کهڙو ڏيون!

اڄ گهٽي وقت ڪانپوءِ هڪ ڇڄ لنگهي،
ڪا گهڙي رؤنقون راهه ڪي پڻ مليون.

(۲)

سڄي رات اُپ ڏانهن ڇو تو تڪي؟
سگهيو ڪير ماپي ڀلا درد ڪي؟

وٺي ڇڏ تون واپس، مونکي جي ڏنئه،
دلاسن سان بک ڪونه ڪنهن جي لهي.

عجب ڍنگ هن جي سکڻ جو، ڏسو،
صحيح ڪي غلط ٿو چئي، هو پڇي.

سڄاتو سين پر رهيا شانت هئا،
ڪُئو ڪئن ٻلي ءَ ڪي ڪو گهنڊٽي ٻڌي.

هٿوراڙيون ڏيندي حياتي وٺي،
اَڃا پرهه سک جي ڪٿي ٿي ڦٽي.

(۳)

رهن سدائين ڍُڇ لوڏيندا،
تون ٻه سڃاڻين تن جا ڇهرا.

ڪونه نشان مليا ڪِٿ سک جا،
ڪڇيا نه مون دڳ کهڙا کهڙا.

ٻوڙائي ماريندا شايد،
آسِن جي ڪڪرين جا پاڇا.

تنهنجي هڪڙي لفظ اُپاريا،
ذهن اندر هئا ڪيڏا نقطا.

ٻارن ڪي تون ڪلڻ ڪڏڻ ڏي،
ساري جيوت آهن سڏڪا.

پاڙ بنا ڪئن رهندا ساوا،
ٽڙ پن ٽاريون تنهنجي وڻ جا.

تِسنا/ پريو وفا

(جَواني ۽ ٻُڍاپو)

١. سالَ بسال بهارُ،
اَچي وَڃي پيو، مگر جَواني،
اَچي فقط هِڪوارُ.

٢. هاءِ جَواني هاءِ،
مون وَٽِ آءُ وَري هِڪُ ڀيرو،
واپس واپَ وَراءِ.

٣. ڪَرٽو تي ڪَرِ هاڻِ،
مُندَ موٽَ جي مقررُ ناهي،
ڪنهن بہ ڏني نہ سُياڻِ.

٤. عمر اَناسي سالَ،
دل منهنجي اُرڙهن جي آهي،
رَهي جَوان نِتُ شال.

٥. ٻُڍڙي ڏِٺم هِڪ
ياد اَچي پئي سندس جَواني،
۽ جوڀَن جي چِڪَ.

٦. جوڀنُ ڏينهنڙا چارِ،
هوءَ جا اَچي مَٽي واري آ،
ڪلهہ سا هُئي ڪُنوار!

٧. هاءِ جَواني هاءِ،
ڪلهہ ڪارو هو مَٽو، اَچو اَڄ،
خوب خِضابَ لڳاءِ.

٨. تيندين ٻُڍڙو تون بہ،
بارَ مَذاقَ اُڏائي ڪِلنديءِ،
اِئين ڏنو آ مون بہ.

(موٽ)

١. رَهجي ويندي رَڪَ،
ساڻ سُئي هِڪَ ڪٽي نہ سگهبي،
کهڙي ڪَمَ جا لَڪَ!


٢. رڳو رَڪَ جا ڍيرَ،
ڪيڏاهن ويا سي ياقوتي چَپَ
پَدِمَن (ڪملن) جهڙا پيرَ؟

٣. ٻُڍو موٽ جا ڳِهنڊَ،
جو بہ سُمهيو آ وَرِي نہ جاڳيو،
موٽُ آ گهري نِنڊَ.

٤. ڇا هي آخرڪارِ،
هن جيوَن جي ميلي ڪان پوءِ،
هوندو ڇا هُن پارِ؟

٥. نرڪ سرڳ ڪجهہ ناهہ،
پَرمَ آ هي ڪمزورُ دلين جو،
سڀ هيءَ هاٽي آهہ.

٦. ڪوئي موتيو ڪهڻَ،
تِنِ جي ياد اَچي تي من ۾،
وَڃي نرنترِ بيِنَ.



٧. ڇڏي هِتي ئي لَڪَ،
وِڪَ ڪَٽبي ويرانيءَ ڏي، جِتِ،
ڪاريءَ وارا ڪَڪَ.

٨. سِڄ لَهَڻَ تي آهہ،
جل ۾ رَنگَ-مَحلُ ڪِرِٽِن جو،
وفا ڍَهَڻَ تي آهہ.


وائي / ڪيمن يو. مولاڻي

چوڏر ڪاري ٻات،
آڙي تون ڇا تو ٻولهين؟
١. هن دنيا ۾ پيار بہ ڇڻ ڪا،
ٽانداڻي جي لات.
آڙي تون ڇا تو ٻولهين؟
٢. هن رڻ پٽ ۾ مِٺڙي آهي،
ڪڏهين ڪانہ اُسات.
آڙي تون ڇا تو ٻولهين؟
٣. پاڇا ڪين نيائن ڪنهن سان،
پنهنجا ڪول ڪپات.
آڙي تون ڇا تو ٻولهين؟
٤. آهڙو ڪوئي ڪونهي جنهن کي،
هنئي نہ وقت چمات،
آڙي تون ڇا تو ٻولهين؟
٥. ڪاڪ محل جا رستا ناهن،
سَولا سِدا سپات.
آڙي تون ڇا تو ٻولهين؟
٦. سوُرج لڙيو پڪي سڀ وتندا،
واهيري جي وات،
آڙي تون ڇا تو ٻولهين؟
٧. مِروُن ڪري بينا چوڏاري،
بَن ۾ اوُچا ٻات،
آڙي تون ڇا تو ٻولهين؟

پنجڪڙا

ملڻ اڄ مشڪل راءِ ڏياڇ،
رلين تو پيڇل تو بيڪار،
سُرن سان ڪونهي ڪنهن کي پيار،
پڇي ڇڏ پنهنجو چنگ، ڪماچ،
مِلڻ اڄ مشڪل راءِ ڏياڇ.

ڪٽي پاپڙ کي جڏهن ڀڳم،
ٻٽي پيو ٽڪرو صورت سنڌ،
اکين جي آڏو ڇانيو ڏنڌ،
ڳڙي پيا ٻوڙها خوب رنم،
ڪٽي پاپڙ کي جڏهن ڀڳم.



تصويرون

ڏس ڪويل جو بار،
ڪانوڻيءَ جي گهر پليو،
تہ بہ ڪوُ ڪوُ سان پيار.

ٻاري ڏئم چراغ،
اونداهي استان جو،
ظاهر ٿيو هر داغ.


New A-14/134, Bairagarh,
Bhopal - 462030

غزل / لڪشمڻ ڏُبي

ا.

عميقن جو آهيان اڪيلو مان داٽو اَڃان ياد آهي
آزل کان اسانجو سو اصلي اباٽو اَڃان ياد آهي

سڄي رات روئي پُسائڻ وهاٽو اڃان ياد آهي
تصور ۾ توسان سفر شاعراٽو اڃان ياد آهي



وطن کان پري هي اسانجو جيابو، اَلا حيف آهي
مگر محبتن ۾ مِتل مائٽاٽو اڃان ياد آهي

چڙهي نفس جي وِر ننڍڙڪا تياسين حقيقت آ ليڪن
عمر مارئيءَ جو قصو عاشقاٽو اڃان ياد آهي

جَهڪو سوجهرو هو سُواسن ۾ ليڪن هُئي سار تنهنجي
فراقن ۾ ديپڪ اَلا، ڪيئن اُڃاٽو اڃان ياد آهي

پسيني جي پوشاڪ پائي جيئڻ جو هئو عهد جنجو
سندن ڳالهين ۾ اثر عالماٽو اڃان ياد آهي

جتي ٻچپني جون حسين صبح شامون اسين ڪيڏياسين
اُهو خوبصورت ۽ زنده نڪاٽو اڃان ياد آهي

سڳنڌت هوائون، سنڌوءَ جو ڪنارو ۽ ساٿ - ٻيلو
ڏُهل، آرتي، جهانجهه، پريات - ٽاٽو اڃان ياد آهي

١. ڏرمَ جي نالي ۾!
ٻارَ جي هيءَ ٻلي ڪنهن چاڙهي؟
سو بہ شِوالي ۾!

٢. هيءَ ٻاڪري عيدَ،
ڪارائِڻ، پيئارڻ کان پوءِ،
سي ئي ٿِيڻ شهيدَ.

٣. هيءَ کهڙي آ عيد،
دردناڪ رَڙ ٻُڌي، ڏِسي رَتُ،
ٻُوڙها ٻاڙيا ديدَ!

٤. پسوُنءَ اَندر بہ پَساهہ
فرقُ نہ ٻارَ ۽ ٻڪري ۾ ڪو،
سڀ کي گُهري اَلاهہ.

٥. موچي ماهِرُ هو،
وِهندو هوم وَچي ھُنَ وَٽِ، جو
هوُ ٻيو شاعِرُ هو.

٦. ڏيءَ کي چَوَنِ پُٽُ!
شينهن ڪلهي تون چَڙهين تہ پوءِ ٿِي،
چوان پُٽڙي جُٽُ.

٧. هِڪَ جي هوُندي دلِ،
سڪ سان گَڏجي مِسِجي رهبو،
هِڪَ ھجي منزل.

٨. نفرت بُغض پَلاءِ،
پيارُ ئي آ اَڪِثير دوا هِڪَ،
کُهنا مَرضَ چِٺاءِ.

٩. مطلب-پرست نہ ٿيءُ
بين کي پي جيئڻ ڏي جَڳ ۾،
تون بہ شانَ سان جيءُ.

١٠. هوُ ڏِسُ هِڪڙو فردُ،
سوني چَٽَ سان سِرُ سينگاري،
قِري ڪٽي سِرِ - دردُ.

١١. ڪجهہ ٿيءُ قدر - شَناسُ
گَئو ڪيرُ ڏِيِ، بدلي ۾ تون،
کائين اُنَ جو ماسُ.

١٢. چو تو لائين دير،
ڳالهين مان ڪجهہ وَرِٽو ناهي،
مَنَ جي وِرتي قير.

١٣. جهوٽا زخم نہ کول،
بَحثُ بکيڙي جو باعثُ آ،
راهہ اَمَنَ جي ڳول.

١٤. کائِنِ جِنِ جو پاپُ!،
گائن کي ڪجهہ بہ نہ ڪارائن
ڇڏي ڏِيِنِ ڇُڙواڳُ.

١٥. ساڙهيءَ جو سِرِڪَڻُ،
منهنجيءَ بالڪنيءَ وَٽِ پهتي،
نفس اَندر ترِڪَڻ.

١٦. سچو سَنجيدَهَ پيارُ،
ڪري نہ سَگهبو ڪَڏهن بہ جنهنجو،
اَکرَنِ ۾ اِظهارُ.

١٧. جتي اِستري ناهہ،
جِتي نہ چُلهہ ۾ باهہ ٻري ٿي
سو گهرُ گهرُ ئي ناهہ.

١٨. هيءُ پٽرن جو ڍيرُ،
ڪيرُ اِنهنِ مان پِٽ بڻائي،
پِٽِ بڻائي ڪيرُ.


C-3, Madhuban, St. Andrews Road,
Bandra, Mumabi - 400050

كوتا/مايا راهي

ڪينجهر

رات،
سپني ۾
ڪينجهر آئي
ڏاڍي ناراض هئي.

چيائين
’شاباس تئي
هِندُ مان ڪهي
سِنڌ ۾ آئين ءَ،
ڪراچي چڏي
سڄي سنڌ چاڪاري
ڪپر منهنجي تي
رات هڪ لاءِ
اَچي آرامي
ٿين ءَ.
چا ته خوش
هئس مان!
سوچيم،
ڪنارا ڪٽي
بند پڃي
اَچي ملان
توسان.
پر انتظار هو
ته تون ايندين ءَ
جو تنهنجي آس پاس
مون ڪي
مون جهڙا
ڪپر ڪنارا
۽ بند



نظر ڪين آيا
تون ته آزاد هئين ءَ نه!

صبح جو
تون سويل پرو
جاڳين ءَ
پردو سيري
دري کولي
پريم پريل
نظرن سان
جو تو ڏٺو
ته
لرزي ويو
تن من منهنجو!
مان بود ۾ اَچي
ويس
اُڇلڻ لڳس
ڇڻ ته توکي
پاکر ۾ پري
ٻانهن ۾ ڪٽي
پاڻ ۾
سمائڻ تي چاهيم!
۽ تو؟
دري بند ڪري
پردو ڪيري چڏيو.

ٻه ٽي ڪلاڪ
تون مس
هئين ءَ مون وٽ.
هر هر
نظرون اَسانجون
مليون ٿي
سنيهه جا
سنديشا
ڏنا ٿي

اَچڻ ساڻ گهر ۾ رکندو مٽي تي هو آسيس جو هٽ
اَسانجي اڱڻ ۾ پپر سو پُراڻو اڃان ياد آهي

اَڏورو - سڏوُرو اُهو يار منهنجو جهمٽ يا خميسو
ذرا پارسا ۽ ذرا عيب هاڻو اڃان ياد آهي

اَجهل تنگدستيءَ جي اُلجهن ۾ قاتل هي ايمان منهنجو
اَلا، ڪوڏين جي اَگهن ۾ وِڪاڻو اڃان ياد آهي

پَلي هٽ وَسايو بنارس يا بامبي يا ڳڙهہ ڪو پراڻو
سکر، روهڙي، خيرپور، لاڙڪاڻو اڃان ياد آهي

بَنسبت جڏهن عشق جي ڪجهہ پڇيو مون، نگاهون جهڪايئہ
حيا ۾ بڏل سو نِگاهن جو ناڻو اڃان ياد آهي


سموري عمر عاشقيءَ جون اَدائون نہ سمجهي سگهيس مان
ڪڏهن ها ڪڏهن نا ڪڏهن ڪوئي ماڻو اڃان ياد آهي

منع ڇو ڪندو دين ڪوئي بندي کي پلا بندگيءَ کان
مسيدن جي پر ۾ گرو جو نِڪاڻو اڃان ياد آهي

ڏِسي حال بولي ۽ سپيتا جو اَکڙيوُن زڱن ٿيون
مگر سنڌيت جو سڳورو سياڻو اَجان ياد آهي.

"Kavyam"
Gandhari Gali,
Qaziwada,
Jhunagadh -362001

جميل خون ۽ وهندڙ پاڻي



خون ڄمي برف ٿي پيو آهي.
پاڻي وهي خوب ڇل ڪل جو سُريلو سُر
ڦهلائي رهيو آهي.
هڪ ديارتي اکرن جي معنيٰ ڳولهيندي
معنائن ئي معنائن ۾ ڀٽڪي ٿو
اکر آهن ئي ڪوڙ.
اندر جا اُڌما شوخيءَ جي ڇوڏارن
ڀٽڪي رهيا آهن
شوخيءَ ٻين انگن جي تلاش ۾ آهي.
گهر سامان سڙي سان سٽيل آهي.
باسڻ ڳالهائين ٿا، ماڻهو شانت آهن.
پاڻيءَ جو ڪل ڪل سُر
وديارٿيءَ جي چئني طرف
ڦرندڙ معنائون
اکر غائب
خون ڄمي برف ٿي پيو آهي.

ٻه سٽا

۱. ڪٿ ڪٿ تنهنجي تابع هيٺ
مان ڇڻ ڪومايان پيئي.

۲. دُشمن ٻه سُڃاڻڻ سِکي وياسين
دُنيا جي روشِ کي سمُجهي وياسين.

۳. آخر ڇا مان ڇا ٿي ويو؟
ڪنهن آڪيرو مساڻ ٻڌايو؟

۴. تُنهنجي سونهن جڏهن ساريان ٿي
اُڪير هردي ۾ اُيري ٿي.

۵ . اَفسوس صد اَفسوس ماڻهن جي روش تي
همٿ ڦُري مونکي ئي همٿ ورهائين ٿا.

14, Anuchhaya,
Juhu Lane,
Andheri (W)
Mumbai - 400058

ورتا تي
پر پوءِ بہ
تون
ويجهي
مور نہ آئينءَ!

مون پڇو
هر هر تو
هرڪنهن کي
تي چيو
’هلو نہ،
ٻيڙيءَ ۾
هلي،
ڪينجهر سان
ملي اَچون‘.
ءَ هر ڀيري
منهنجي
نا اُميدي
ڪر موڙي
آس جي
اوٻاسي تي ڏني!

ڪناري تي بيٺل،
ٻيڙيءَ ءَ ملاح
هر هر توکي
هرڪايو تي،
پر پوءِ بہ
اَلائي ڇو
تون
ويجهو منهنجي
نہ آئينءَ،
نہ اَچي سگهينءَ!

تون بس ۾
وَڃي وينينءَ
دريءَ کان
تنهنجون نظرون
مون کي آد کان
اَنت تائين
ڏيگهہ کان
ويڪر تائين،
چاهہ سان
ڇُمي ويون
ڄڻ تہ
ڪو اَنجام
ڪري ويون
مون سان
وري ملڻ جو!
وري اَچي
ٻيڙيءَ ۾
سئر ڪرڻ جو.

تون آئينءَ
پلي آئينءَ
جيءُ، نچ آئينءَ
پر ڏک ڏاڍو اَٿم
اِنهيءَ ڳالهہ جو
پير پُسائي
پنهنجو تہ
ڪري وڃين ها!

(سنڌ ۾ ڪينجهر ڍنڍ تي وڃي بہ، وقت جي تنگيءَ سبب ٻيڙيءَ ۾ سئر نہ ڪري سگهڻ جو ڏک پاڻ سان کڻي آئي هئس.)

A-1/601, Happy Valley,
Near Tikujini wadi,
Chitalsar Manpada,
Thane (W) - 400 607

نارايڻ شيام جا اَرجن حاسد ڏانهن خط

نيو دهلي
١٩٨٦.٧.١٦

پريہ اَرجن،

تنهنجو خط پهتل آهي.

اکيون اڃا تائين آليون آهن.

خط هن ڪان اڳ لکيم پئي. اڌ ۾ ڇڏيو اٿم. اخبار ۾ احمدآباد جي حالتن جي بابت ۾ پڙهيم. لڳي ٿو اڄوڪي سياست کي باپوجي پاراتو ڏيڻي ويو آهي. ڀارت ماتا جي سنتان - ڇا چئجي؟

لال تو اَهڙا ڄڻيا، جن کان ڇڻا ، سَپ سَو لڱا،
مائي تُنهنجي ڪُک جَلي!

ڇڱو حرف ڪتان بہ ڪَنِ ڪونہ تو پوي. جيڪي آواز فضا ۾ گونجي رهيا آهن انهن پٺيان ڪنهن نہ ڪنهن قسم جو دلي کوٽ آهي.


منهنجو ننڍو ڀڪو جڏيو دبئيءَ مان آيل آهي. ممڪن ٿيو تہ ايڏانهن اَحمدآباد ايندو. ان حالت ۾ توکي لکندس پوءِ منهنجون ڪاپيون اُن هٿ موڪلج.

گهر ۾ سيني لاءِ سنيهہ ۽ سادر نمستي.

پيارن مان
شيام

ساهتيہ اڪادمي سنڌي صلاحڪار بورڊ جي ميٽنگ اول سک تہ ٢٣ آگست دهليءَ ۾ ٿيندي منجهند ڪانپوءِ. انگزي ڪاپيون پاڻ سان آڻج. جي ڏينهن اَڌ رهئين تہ گڏجي ڪا رِتا رتي سگهجي.

جواب لکج.




غزل/واسديو موهي

چنڊُ لنگهي، تارن جي سُس پُس
اک پڇي، شودن جي سُس پُس

ڏيمي ڪِل ڪِل، ناچ پنن جو،
اوندهه ۽ جِسمن جي سُس پُس

مُنهن ۾ گهنڊ نه وجهه، مرڪي ڏي
نيٺ به، آ پنهنجن جي سُس پُس

موت به جاڳي پوندو آهي
ڪويل سان روحن جي سُس پُس



سيِمُس نِوائي، ڌيان ڏئي ٻُڌ
شاهه سچل يارن جي سُس پُس

ڳالهه ڳجهيا داتا هانديءَ ۾
ٻُڌجي ٿي يارن جي سُس پُس


ٽڪ جي ڪوڪي، مينديءَ سان گڏ
چيرين جي، چوڙن جي سُس پُس

بادل چنچل جا چنچل ٿي
اُس تِڪي، ڪيتن جي سُس پُس.

A-355, Nayan nagar,
Ahmedabad - 382345

غزل/اَرجن حاسد

وٺي ڏي، ڪو ته رانديڪو وٺي ڏي
ڇُهڻ سان ئي ٻُري، اهڙو وٺي ڏي



تصور جو ته ملهه مٽي به ڪونهي
دلاسو چمڪندڙ شوخو وٺي ڏي

وٺيو هڪ چتر، گهاتو وڻ، ۽ اُن تي
رکيل بندوق جو پهرو، وٺي ڏي

نهاري، تڙڦندا جيڪي هليا ويا
اکين ڪان تنجي ڏوراپو وٺي ڏي

نمونا ڪيترا فئشن نئين جا
چڱو ڪوئي ڏسي، دوکو وٺي ڏي

اڪيلو پاڻ کي سمجهان، ته ڇوُسيان
هجي سڀ، سو آڙُوتو وٺي ڏي

وڪامڻ جي اچي سُرهاڻ حاسد
ملي سوُدو به جي سستو وٺي ڏي.

463/B, Sardarnagar
Ahmedabad - 382345


يائي دلگير تي لکڻ لاءِ سوچي رهيو آهيان. روز ڪا نئين ڳالهه ڏيان ۾ تي اَچي پر ڪنهن به هڪ تي من پڪي طرح نٿو ٻجهي. خير ڪئن به ڪري هفتي ڪن ۾ ڪجهه لکي موڪليندس. خيال نه ڪج.

راجستان سنڌي اڪادمي وارن جو ليکڪ سيمينار ۴ ۽ ۵ آڪٽوبر تي مائونٽ آبو تي آهي ان ۾ ڪنهن بهاني شريڪ ٿي رهيو آهيان، اَجمير ۽ جئپور جا دوست ته هوندا ئي. ڪي ٻيا به واقف ٿي پوندا.

گهر ۾ سڀ مزي ۾ هوندا.

دوستن لاءِ سلام.

قربن مان
اهو ئي
شيام




بمبئي -١٦
٣٠-٤-١٩٨٧

پريه اَرجن،

اُميد ته مالڪ جي مهر سان سڀجي ڪٽنب سميت مزي ۾ هوندين.

تنهنجو خط پهتو. دل جي حالت ڪجهه اهڙي آهي جو ڪنهن به ڳالهه مان سنتوش حاصل نٿو ٿئي. سڀ ڪجهه ائين ٿو لڳي ڄڻ بيڪار پرانديا پاتا آهن ماڳ جي ڄاڻ ڪانسواءِ. هاڻ به ڪا شڪ هجي ته ڇا ڪرڻو آهي ائين به ڪونهي.

خالي دل، ويران نگاهون، بس اهو عالم آهي.



غزل تنهنجو گهڻو وڻيو. بيت ٣ ۽ ۵ ۾ ڪجهه ڦيرڦار جي ضرورت آهي؛ ڪارڊ پاسي ۾ لکيو اٿم.

بمبئيءَ ۾ ٢٨ تاريخ پهتس جو ٢٩ ميٽنگ هئي. موٽ ٽڪيٽ ملڻ جي انتظار ۾ آهيان، ٻن ٽن ڏينهن ۾ واپس دهليءَ ويندس.

گهر ۾ سڀني لاءِ جهجهو سنيهه.

تنهنجو پنهنجو
شيام


نيو دهلي

١٩٨٦.٩.٥

پريه اَرجن،

تنهنجو خط پهتو. احوال معلوم ٿيو.

تنهنجو خط نه آيو هئو اِنڪري ٻن ٽن ڏينهن کان لکڻ لاءِ سوچيم پئي. ٻاپو ڏام جي ڪا خبر ئي نه پوندي آهي نه؟



غزل واپس ڪري رهيو آهيان. سٺو آهي. ٻن هنڌ ٿڌ ٻُڌ ڀري تبديلي ڏسي اٿم. جيڪڏهن ويچار ۾ وٺڻ جهڙي هجي ته ڏيان ڏج.

اَڪادميءَ وارن جو خط آيو آهي. ڊسمبر جي وچ ڌاري ترجمي لاءِ ورڪشاپ پنجن هفتن لاءِ ڪرڻ جو خيال اٿن. آهن ڪي اهڙا اُتساهي جي ان ۾ ڀاڱ وٺن؟ ليکن T.A. & D.A. ڏنو ويندو - گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٻوليون ڄاڻندا هجن. اڳ ۾ ڪي اَنواد ڪيا هجنِ ته اهي اصلوڪي رچنائن سان گڏ ڏيڻا پوندن. سٺو موقعو آهي سکڻ لاءِ. اڪادميءَ ڪي انوادن جو پروگرام آهي، اڳتي هلي انجو لاڀ پڻ وٺي سگهندا. اَحوال جلد ڏين ته ڏاڍو سٺو.

قربن مان

تنهنجو اهو ئي

شيام

نيو دهلي

١٩٨٦.٩.٢٥

پريه اَرجن،

تنهنجو تاريخ ٢٠ جو لکيل خط مليو.

اَڪادميءَ وارن ورڪشاپ لاءِ اخبار ۾ اشتهار ڏنو هوندو جنهن مونکي سيڪريٽريءَ ٻڌايو هئو. مون ڄاڻڻ ٿي چاهيو ته ڪو گهڻو ٽائيم ته ڪونهي.

’ائين آهي ڇا؟‘ پاريءَ ماءُ اُمالڪ ڇيو.

’پرواهه نہ ڪر. باقي ٿورو وقت ترسو. ڇوڪرو روزگار کي لڳي وڃي تہ پوءِ ڳالهہ ڪڏهن بہ سولي ٿي پوندي.‘

ايتري ۾ پاري ڇانهہ بسڪوت ڪٽي اَچي ويئي . ’ڪهڙا حال آهن، گامن ماءُ؟‘ پاريءَ ڇيو.

’سڀ ٺيڪ آهي پٽ. اڄڪلهہ ڇا پيئي ڪرين؟ ٽنگو ٽوپو سکين پيئي يا نہ؟‘

’ها روز سکڻ ويندي آهيان.‘ ائين چئي پاري سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. راڌو ڊبئيءَ ٿو وڃي اِها ڳالهہ کيس ڏاڍي سٺي لڳي هئي. هاڻي شاديءَ کانپوءِ هوءَ پاڻ بہ جهاز ۾ ويهي ڊبئيءَ ويندي. فارين ڏسندي. هوءَ اڄ ڏينهن تائين جهاز ۾ ڪونہ ويئي آهي. هاڻي کيس ضرور موقعو ملندو. هوءَ خيالن ۾ ڪوئجي ويئي.

ننڍي هوندي جڏهن هڪ ڏينهن هوءَ راڌي سان گڏ اسڪول مان موٽي رهي هئي تہ مٿي آسمان ۾ جهاز ڏسي هن راڌي کان پڇيو هو - ’ڏس هو مٿي ڇاهي؟‘

’جهاز آهي.‘ راڌي وراڻيو هو.

’تون ان ۾ ڪڏهن چڙهيو آهين؟‘ پاريءَ ٻيهر پڇيو هو.

’نہ، مان جڏهن وڏو ٿيندس. تڏهن جهاز ۾ چڙهي، ولائت ويندس. پر مان توکي گڏ ڪو نہ وٺي هلندس.‘ اِها ڳالهہ ياد ايندي ئي پاريءَ کي ڏپ ورائي ويو. ڪٿي هاڻي بہ راڌو اِئين تہ نہ ڪندو؟


اُن وقت تہ پاريءَ ڏاڍو رنو هو. راڌي کي ماريندي ڇيو هئائين ’نہ مان بہ توسان گڏ هلندس.‘

پاريءَ کي رئندو ڏسي راڌي ڇيو هو. ’چڱو پائي ها. مان توکي بہ وٺي هلندس. چنتا نہ ڪر. بس رڳو روئڻ بند ڪر.‘

ايترو ٻڌي ان وقت پاريءَ مسڪرايو هو. چوڻ لڳي هئي ’ولائت ۾ پريون رهنديون آهن. مان اُنهن پرين سان گڏجندس. اُنهن سان ساهيڙپ رکندس. ڏاڍو مزو ايندو.‘ ائين ماضيءَ جو سپنن ۾ سير

کھاڻي / کيمن يو. موُلاڻي

پرڏيھہ جو پڙاڏو



پاريءَ جي ماءُ گھڙيال طرف نھاريو. شام جا ساڍا چار وڄي رهيا هئا. هوءَ جھٽ پلنگ تان اُٿي کڙي ٿي. ايتري ۾ دروازي جي گھنٽي وڳي. هن اُٿي وڃي دروازو کوليو. ڪيس ڳامن ماءُ نظر اَچي ويئي. هوءَ کيس اندر وٺي ويئي. پاريءَ کي چانھہ ٺاهڻ جو چئي هوءَ ڳامن ماءُ سان گڏ پلنگ تي وڃي ويٺي.

’اَدي اَڄ وڏا پير ڪيا آئين! خير تہ آهي. مان پاڻ توسان ملڻ لاءِ آئي هيس. پر ڇا ڪريان. گھر مان جند ئي ڪانہ ٿي ڇُٽي جو ٻاهر نڪري سگهان.‘ پاريءَ ماءُ لوُھہ ۾ اِهو سڀ ڪجھہ چئي ويئي.

’ڇو ڪو ڪم هو ڇا؟‘ ڳامن ماءُ پڇيو.

’ها، ڪافي وقت ٿي ويو آهي. ڇوريءَ جي عمر وڌندي پيئي وڃي. گھوٽيتن کي تہ فڪر ئي ڪونھي. سوچيم پئي تہ توکي چوان تہ وڃي ڪا ڳالھہ ٺاهي اَچ. مائٽيءَ ۾ تنھنجو هٿ پيل آهي. ڪا تہ تاريخ پڪي ٿئي تہ پوءِ اسان کي بہ تہ تياري ڪرڻ لاءِ وقت ڪپندو.‘

ڳامن ماءُ چيو - ’آدي، اهو سڀ تہ ٺيڪ، پر توهان کي تہ خبر آهي. ڇوڪرو اَڃا بيروزگار آهي. ڪنھن روزگار تي چڙهي تہ پوءِ ڳالھہ ڇورجي.‘ ڳامن ماءُ سچي حقيقت بيان ڪري ٻڌائي.

پيڻ اَڄڪلھہ روزگار آهي ڪٿي؟ ڇوڪرو اَڄ نہ تہ سڀاڻ روزگار تي لڳي ويندو. اسان ڪان سڱ وٺن. اَسان تہ آڄا ٿيون؟‘ پاريءَ ماءُ خفي ٿيندي چيو.

’نہ نہ، ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن -راڌي پيءُ جو ڪو دوست دبئيءَ ۾ آهي. اُتي وڏو دڪان اَٿس. اُهو راڌي کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو. نوڪريون تہ ملن ڪونہ ٿيون، سو سوچيو اَٿن تہ ڇوڪري کي دبئيءَ موڪلي ڏيون. ٻڌو اَٿم تہ راڌو پنھنجو پاسپورٽ بہ ٺھرائي آيو آهي.‘

هڪ ڏينهن راڌي جو فون آيو. هن پاريءَ کي ٻڌايو تہ هوءَ ٽن مهنن کانپوءِ مهيني کن لاءِ گهمڻ اچي رهيو آهي. راڌي جي اِها ڳالهہ ٻڌي پاري اصل ٺري پيئي. چوڻ لڳي ’ويري گڊ، هاڻي اَسان ٻنهي جي شادي بہ ٿي ويندي. اَمان ۽ بابا شاديءَ لاءِ ڏاڍي تکڙ ڪري رهيا آهن.‘

’نہ بابا، تون ماءُ پيءُ کي سمجهاءِ. اَڃان مان هتي ڪجهہ وقت رهي ڪمايان تہ سهين! شاديءَ جي ڪهڙي تکڙ پيئي آهي؟‘ راڌي نٽائيندي چيو.

پارِيءَ کي سٺو نہ لڳو. تنهن هوندي بہ هن راڌي کي ان باري ۾ ڪجهہ ڪونہ چيو. پاريءَ جا ماءُ پيءُ تہ اڳيئي راڌي جي موٽڻ جي انتظار ۾ هئا. راڌي جي موٽي اچڻ جي خبر ٻڌنديئي هنن ڪڙي تپائي. شاديءَ جي تاريخ مقرر ٿي ويئي. ٽن مهينن کان پوءِ جڏهن راڌو موٽيو تہ مقرر تاريخ تي شادي ٿي ويئي. پاري پنهنجي ساهري گهر هلي ويئي.

وقت گذرندي ويرم ئي ڪانہ ٿي لڳي. راڌو فقط هڪ مهيني لاءِ گهر آيو هو. ڪيس وري موٽي وڃڻو هو. هڪ مهينو اک ڇنڀ ۾ گذري ويو. اُهو ڏينهن بہ اَچي ويو جڏهن ڪيس واپس ورڻو هو. پاريءَ راڌي کي چيو - ’مان بہ توسان گڏ هلنديس.‘

راڌي ڪيس سمجهائيندي چيو - ’اَجا منهنجي نوڪري پڪي ڪانہ ٿي آهي. اُتي دڪان تي ڪافي گهڻو وقت ڪم ڪرڻو تو پوي. اُتي پرديس ۾ تون گهر ۾ اڪيلي ٿي پوندينءَ. ڏاڍي بور ٿيندينءَ. اُتي ڪو پنهنجن جو پاڙو اوڙو بہ ڪونهي جتي وڃي گهڙي بہ گهاري سگهجي. اُتان جي ماڻهن جي ٻولي بہ ٻي آهي، جيڪا سکڻ سمجهڻ سولي ڪانهي. اُنهن جي رهڻ جو طريقو بہ پنهنجو الڳ آهي. سڀ مسلمان آهن. اُتي گرمي اَهڙي آهي جو ڳالهہ ئي ڇڏي ڏي. خير گرميءَ جي ڳالهہ ڪانهي. دڪان ڪارون ايئر ڪنڊيشن آهن. هتي گهر ۾ سڀ ڀاتي آهن. تنهنجو وقت سٺو گذري ويندو. وڏي ڳالهہ تہ

کندي پاريءَ جي اک لڳي ويئي.

سندس اک تڏهن کلي جڏهن ماڻس کيس چلائيندي اُٿاريو -

’چوري اَجا تائين سمهي پيئي آهين. سج لهي ويو آهي. اُٿ کو روٽي پاڻيءَ جو سانباهو ڪرڻو اٿئي يا نہ؟ ساهري گهر وڃڻو اَٿئي. ڪجهہ لڇڻ سڌار. اِئين پڻ ٿي سمهي پئي هوندينءَ تہ ساهرن ۾ پيئي پٽبينءَ.‘

پاريءَ راڌو پاڙي ۾ رهندا هئا. ٻئي هڪ ئي اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئا. البت راڌو پاريءَ کان هڪ درجو مٿي هو. پوءِ راڌي جي پيءُ مهرچند شهر جي هڪ ڪالونيءَ ۾ پنهنجي جڳهہ جوڙائيءَ هوُ لڏي اُتي وڃي رهيا. تنهن هوندي بہ ٻنهي گهرن جو پاڻ ۾ مٺ محبت جو رشتو قائم رهندو آيو.

پاريءَ جو راڌي سان مڱڻو ٿيو تہ پوءِ اڪثر راڌو فون تي پاريءَ سان پيو ڳالهائيندو هو. راڌي کي فون ڪرڻ ۾ هفتو بہ لڳي ويندا هئا تہ پاري پاڻ کيس فون ڪري حال احوال پڇنديءَ ڏيندي هئي.

اُن ڏينهن بہ پاريءَ روٽي ٺاهڻ کانپوءِ فون لڳايو. فون راڌي کنيو. پاريءَ چيو - ’ٻڌو اَٿم تہ دبئيءَ ٿو وڃين؟‘

’ها.‘ راڌي وراڻيو.

’پاسپورٽ بہ ٺهرايو اٿئي؟‘ پاريءَ پڇيو.

’ها، ٺيو ڏينهن پاسپورٽ ٺهي آيو آهي. سيٺ سان دبئيءَ ڳالهائڻ ٿيو آهي. ڪاغذ پٽ ٺهن تہ پوءِ مهيني اڌ ۾ نڪري ويندس.‘

ائين ڪافي وقت هو فون تي ڳالهائيندا رهيا. آخر ماڻس چلايو - ’چوري، اَجا گهڻو ڳالهائيندينءَ؟ گهڻو ئي ٿيو. هاڻي ڪٽي فون رک.‘ پاريءَ فون رکي ڇڏيو.

ان کانپوءِ راڌو دبئيءَ هليو ويو. هوُ ڪڏهن ڪڏهن فون تي پاريءَ سان ڳالهائيندو هو. پر اُهو ڳالهائڻ ڪو گهڻو ڪونہ ٿيندو هو. پر ايترو گهٽ بہ ڪو نہ ٿيندو هو. ٻئي خطا پنهنجو حال احوال هڪ ٻئي کي ڏيئي ڇڏيندا هئا.

هن ۾ وڏيون قوتون آهن. هڪ ڏينهن ضرور هو پاڻ به وڏو سيٺ بڻبو. مان سينياڻي چوائيندس. اسان وٽ سڀ سک هوندا. ڪار نوڪر چاڪر بنگلو سڀ ڪجهه.

پاريءَ جي خيالن جو سلسلو تڏهن ٽٽو، جڏهن سندس سس هنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو - 'ڏيءَ هاڻي هلو، راڌو هر هفتي گهر فون ڪندو آهي. اُتي ڳالهائجانس.'

ان ڪانپوءِ سڀ ٽئڪسيءَ ۾ ويهي گهر موٽي آيا. ٻئي ڏينهن راڌي جو فون آيو. هن با سلامت پهچڻ جي خبر ٻڌائي فون رکي ڇڏيو. ڪيس اِهو به وقت نه مليو ته هوُ پاريءَ کي سڏ ڪرائي ان سان سيڪنڊ ڳالهائي. پاريءَ کي ڏاڍو بُرو لڳو. پر هوءَ زهر جو ڍُڪ پي ويئي. هن من کي سمجهايو. ائين ٿيندو آهي. اڄا ڪالهه ئي ته هتي هو. ڇا ڳالهائجي ها. ضرور پرائي بڄگيري آهي. ڪو ضروري ڪم هوندس. وقت به ته ملي نه.

هونءَ راڌو هر هفتي گهر ۾ فون ڪندو هو پر هاڻي مهيني مهيني فون ڪرڻ لڳو. پاري گهڻو ئي چوندي هيس ته اڳي وانگر هفتي فون ڪندو ڪر، پر هو کيس چوندو هو ته هاڻي ڪم وڌي ويو آهي. وقت ئي ڪونه ٿو ملي. مجبوري آهي ڇا ڪريان. فون ڪرڻ تي خرچ به تو ٿئي. پگهار پوري سوُري آهي. هونءَ به تون فون تي گهڻو وقت تي ڳالهائين. انڪري مهيني مهيني فون ڪرڻ ئي صحيح آهي. پگهار مان پورت به نه ڪرٽي آهي. راڌي جا اِهي اکر ٻڌي پاري چپ تي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن راڌي جي فون آئي ته پاريءَ کيس خوشخبري ڏني - 'تون پيءُ بڻجڻ وارو آهين. واڌايون هجنئي.' راڌي به واڌائي ورائي - 'توکي به لک لک واڌايون هجن. تون به ته ماءُ بڻجڻ واري آهين! ماءُ بڻجڻ جو سک عورت لاءِ سڀ کان وڏو سک ٿيندو آهي. ان جي اڳيان پتيءَ جو سک به ڪجهه ڪو نه ٿيندو آٿئي.' راڌي کيس مذاق ڪندي چيو. پاريءَ کي پويون جملو تمام خراب لڳو هو. ان وقت هن

تنهنجا پيڪا ٻه هتي آهن. اُنهن وٽان ٻه ڳهمي ڦري اَچي سگهين ٿي. ٻي ڳالهه اِها ٻه آهي ته اَسانجو پاڻ ۾ ٽيليفون تي ڳالهائڻ ته پيو ٿئي. تون منهنجو فون نمبر لکي رکي ڇڏ. جڏهن ٻه ڳالهائڻ تي دل ٿئيئي تڏهن ڏينهن جي وقت دڪان تي ڳالهائي سگهين ٿي.'

پاريءَ کي راڌي جي ڳالهين ۾ سچائي نظر آئي. ڪيس لڳو ته راڌو جيڪي ڪجهه چئي رهيو آهي. اُهو بلڪل صحيح آهي. اڪيلو ماڻهو ڪاهلو ٿيندو آهي. اُتي هوءَ سچ پچ بور ٿي پوندي. پتين سان ڳالهيون ڪري ڪري ٿڪجي پوندي. پرديس ۾ ڪير ڪنهنجو ڪونه ٿيندو آهي.

گهر جا سڀيئي ڀاتي راڌي کي ايئر پورٽ تائين اُڪلائڻ لاءِ تيار ٿي ويٺا هئا. پاري ٻه انهن سان گڏ ايئر پورٽ لاءِ رواني ٿي. واٽ تي ٽئڪسيءَ ۾ پاريءَ راڌي کان پڇيو - 'وري ڪڏهن موٽي ايندا؟'

راڌي چيو - 'هاڻي ٻن سالن ڪانپوءِ ئي اَچي سگهندس. وري ٻه جيترو جلد ٿي سگهيو ڪوشش ڪري گهمڻ لاءِ ايندس.'

پاري چپ ٿي ويئي. سڀ هوائي اڏي تي پهتا. سڀ ڪاغذي ڪاروايون پوريون ٿيون. هوائي جهاز تيار ٿيو بيٺو هو. راڌي سڀني کان موڪلايو. هوُ جڏهن پاريءَ وٽ آخر ۾ موڪلائڻ لاءِ آيو تڏهن پاريءَ کي ائين لڳو ڄڻ راڌو هن کان هميشه لاءِ موڪلائي وڃي رهيو آهي. ٻيءَ ڪن ئي هن من مان اِها ڳالهه ڪڍي ڇڏي. سوچڻ لڳي راڌي سان ننڍپڻ جو ناتو آهي. هوُ مونکان الڳ ڪيئن ٿو ٿي سگهي. اِهو منهنجو خام خيال آهي.

راڌو هوائي جهاز ڏانهن روانو ٿيو. هوُ ڏاڪڻ رستي چڙهي هوائي جهاز جي در وٽ پهتو. هن ٻئي هٿ لوڏي الوداع ڪيو. ٿوري دير ڪانپوءِ هوائي جهاز اُڏاڻو. پاري يڪ ٽڪ هوائي جهاز ڏانهن نهاريندي رهي. هن جي دماغ ۾ خيالن جو سلسلو وري شروع ٿي ويو. راڌي جي نوڪري پڪي ٿئي ته پوءِ هوءَ ٻه اَهڙيءَ طرح هڪ ڏينهن هن سان گڏ جهاز ۾ ويهي آسمان جي اوُچاين کي ڇهندي.

هن کي راڌي تي ناز ٿيڻ لڳو. ڇا ٿي پيو اَڄ هوُ نوڪري ٿو ڪري.

پاريءَ کيس گوپال سونپيندي چيو - ’وٺو هيءُ پنهنجي اَمانت.‘ راڌي گوپال کي هنج ۾ کنيو، کيس چميو چٽيو ۽ وري پاريءَ کي سونپي ڏنو.

ان کانپوءِ سڀ گهر آيا. ٻئين ڏينهن ئي پاريءَ راڌي کي چئي ڏنو : ’هن ڀيري مان توهان سان گڏ ضرور دبئيءَ هلنديس. مون پنهنجو پاسپورٽ نهرائي ڇڏيو آهي. هاڻي مان توهان جي ڪا به ڪانه ٻڌنديس. هاڻي مان اُتي گهر ۾ اڪيلي ڪانه ٽِڪنديس. گوپال به مون سان گڏ هوندو.‘

راڌي وري کيس سمجهايو ليڪن پاري اصل ضد ٻڌي ويٺي. چي : ’ڪجهه به ٿي پوي. مان توهان سان گڏ ضرور هلنديس.‘ پهرين ته راڌي جا ماءُ پيءُ به راضي ڪو نه هئا پر پاريءَ جي ضد اڳيان انهن کي به هار مڃڻي پيئي.

هن ڀيري پاريءَ لاءِ مهينو وڏو ٿي پيو هو. کيس هوائي جهاز ۾ چڙهڻ جي ايتري ته خوشي هئي جو هوءَ ڏينهن ڳڻڻ لڳي. پر ڏينهن هئا جو وڌا ٿيندا پئي ويا. هونءَ به چوندا آهن ته انتظار جون گهڙيون وڏيون ٿينديون آهن. آخر ائين ڏينهن ڳڻيندي ڳڻيندي اهو ڏينهن به اَچي ويو جنهن ڏينهن پاريءَ کي راڌي سان گڏ گوپال کي کڻي دبئيءَ اُسهڻو هو.

هوُ ٽيئي ڄڻا گهر جي ڀين سيني ڀاتين سان گڏ هوائي اَڏي تي پهتا، جهاز تيار هو. جهاز کي سامهون ڏسي پاريءَ جو من گد گد ٿيڻ لڳو هو. اِهو هن جي زندگيءَ جو پهريون موقعو هو جڏهن هوءَ جهاز ۾ چڙهي آسمان کي ڇهڻ واري هئي. کيس ننڍپڻ وارو اهو ڏينهن ياد اَچي ويو جڏهن هن جهاز ڏسي راڌي سان گڏ آسمان کي ڇهڻ جي تمنا ڪئي هئي. اڄ سندس اُها تمنا پوري ٿيڻ ۾ ڪجهه منٽن جو مفاصلو باقي وڃي بچيو هو.

سڀ ڪاغذي ڪارروايون پوريون ڪرائي هنن سيني کان موڪلايو ۽ پوءِ هوائي جهاز ڏانهن وڌيا. هوائي جهاز جي در وٽ پهچي هٿ لوڏي سيني کي الوداع ڪيائون. هوُ اندر وڃي پنهنجي سيٽ واري ويٺا. راڌي ۽ پاريءَ جي سيٽ گڏ هئي.

راڌي پڇيو - ’پاري هاڻي تون ڪئن ٿي محسوس ڪرين؟‘

’چُپ‘ چئي پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو هو.

پوري وقت تي پاريءَ کي پُٽ ڄائو. راڌي کي فون تي خوشخبري ٻڌائي ويئي. ڪيس ڇنيءَ تي اَچڻ لاءِ چيو ويو پر هوُ ڪم جو بهانو ڪري ڪونہ آيو. ٻانهڻ ٻار جو نالو پيءُ جي غير حاضريءَ ۾ ئي رکي ڇڏيو. ٻار جو نالو گوپال نڪتو.

ان سال راڌو گهر ڪونہ آيو. هو اڳيئي پاريءَ کي ٻڌائي ويو هو تہ هوُ ايندڙ سال اَچي ڪونہ سگهندو. ها باقي هر مهيني هوُ فون ضرور ڪندو هو. پاري گوپال کي ڇهنڊڙي پائي رئاري، ان جي روئڻ جو آواز فون تي راڌي کي ٻڌائي، ڪانئس پڇندي هئي - ’ڪئن، پٽ جو روئڻ وڻيئي ٿو نہ؟‘

راڌو کلي چوندو هو - ’تنهنجو پٽ آهي سو ان جو روئڻ ڪيئن خراب ٿيندو؟‘ ان ڳالهہ تي پاري چڙي پوندي هئي - ’ڇا تنهنجو پٽ ڪونهي؟‘ گوپال چوندو هو - ’ها ڀائي اسان ٻنهي جو پٽ آهي.‘

راڌي جون اهڙيون ڳالهيون پاريءَ جي دل ۾ چڀي ويندیون هيون پر هوءَ ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهندي هئي. سڀ ڪجهہ چپ چاپ سهي ويندي هئي. اهڙي وقت ڪيس لڳندو هو تہ مرد ظالم ٿيندا آهن. هوُ عورت کي پنهنجي ملڪيت سمجهندا آهن. ائين اصل کان ٿيندو پيو اَچي. عورت پيڙجندي رهي آهي ۽ پيڙجندي رهندي. اِهي ڳالهيون عام آهن. ائين سوچي هوءَ دل کي آٿت ڏيندي هئي.

راڌو ٻئين چوٿين مهيني پگهار جا پئسا باقاعدي گهر موڪليندو هو. هوُ فون تي ماءُ پيءُ کي تاڪيد بہ ڪري ڇڏيندو هو تہ پاريءَ کي مقرر پئسا ضرور ڏيندا ڪريو. اِها ڳالهہ ٻڌي پاري بيحد خوش ٿيندي هئي. سوچيندي هئي مڙس ڏس سندس ڪيترو خيال ٿو رکي.

ٻن سالن ڪانپوءِ راڌو هڪ مهيني لاءِ وري گهر گهمڻ لاءِ اچڻو هو. ڪيس وري فقط هڪ مهيني جي موڪل ملي هئي. جنهن ڏينهن راڌو اچڻ وارو هو. اُن ڏينهن گهر جا سڀ ڀاتي راڌي کي رسيو ڪرڻ لاءِ ايئر پورٽ پهتا. پاري بہ انهن سان گڏ هئي. هن جي ڪڇ ۾ ننڍڙو گوپال هو. هن چاهيو ٿي هوائي اَڏي تي ئي هوءَ راڌي کي گوپال سونپي ڏئي. راڌو هوائي جهاز مان لٿو تہ

كئي. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ٽئڪسي هڪ وڏي پندرهن ماڙ بلڊنگ جي سامهون اَچي بيٺي. راڌي ٽئڪسيءَ تان سامان لاهي ٽئڪسي ڊرائيور کي ڀاڙو ڏنو ۽ پوءِ سامان کڻي ٻئي ڄڻا بلڊنگ ۾ گهڙيا. هوءُ لفٽ ۾ چڙهي ستين ماڙي تي پهتا.

پاريءَ ڏٺو سامهون نيم پليٽ لڳل هئي. ايم. آر. واتاڻي.' هوءَ سمجهي ويئي، راڌي جو اِهوئي فلئٽ آهي. هن اڳتي وڌي گهنٽي وڄائي. دروازو کليو. پاريءَ جي سامهون ستر پنجهتر سالن جو بزرگ بيٺو هو. راڌي کي ڏسندي ئي هو ڏانهس ويو. ڪانئس سامان ورتائين. ٻئي ڄڻا هن جي پويان فلئٽ ۾ گهڙيا. پاري آخر ۾ گهڙي.

ايتري ۾ هڪ مئڊم مادرن ڪپڙن ۾ ملبوس ٻئي ڪمري مان نڪري اَچي حاضر ٿي. هن راڌي کي چيو - 'وٺي آئين نوڪرياڻي. مونکي نوڪرياڻيءَ جي سخت ضرورت هئي.'

ان ميم راڌي کي ڇا چيو. پاريءَ کي ڪجهہ سمجهہ ۾ ڪو نہ آيو. ان ميم جي ٻولي ٻي هئي جيڪا پاريءَ لاءِ سمجهڻ محال هئي. هن راڌي کان پڇيو - هيءَ ڇا ٿي چوي.'

'ڪجهہ نہ' راڌي ٽوڪي ۾ جواب ڏنو.

پاري گوپال کي پلنگ تي سمهاري پاڻ بہ ان جي پرسان پلنگ تي ويهي رهي. هوءَ ان ميم کي گهورڻ لڳي جيڪا راڌي سان بيحد پنهنجائيءَ پريو وهنوار ڪري رهي هئي. پاريءَ کي لڳو ڄڻ هوءَ اهائي پري هئي جنهنجو تصور هن ننڍپڻ ۾ ڪيو هو.

هن راڌي کان پڇيو - 'هيءَ ڪير آهي؟'

راڌي چيو - 'پاري تون هن جو خاص خيال رکندي ڪجانءِ.'

راڌي جا اِهي اکر ٻڌي پاري سڀ ڪجهہ سمجهي ويئي. هن جو سڄو وجود ڏڪي ويو. هن کي لڳو ڄڻ هڪ وڏو زلزلو اَچي ويو آهي جنهن ۾ هن جو وجود وڏين بلڊنگن وانگر لڏي ڀُري ڪرندو پيو وڃي. راڌي جي اکرن جو پڙاڏو بار بار هن جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳو.

New A-14/134, Bairagarh,
Bhopal - 462030

’فائين.‘ پاريءَ ڪجهہ ماڊرن ٿيندي انگريزيءَ ۾ جواب ڏنو. هوءَ گرئجيوئيٽ هئي. هن سوچيو هاڻي هوءَ فارين وڃي رهي آهي. اُتي ضرور انگريزيءَ جو واهپو وڌيڪ هوندو. انڪري بہ هن کي پنهنجو انگريزي ٽاڪنگ پاور وڌائڻو پوندو. راڌي کي سندس جواب سٺو لڳو. هڪدم چيائين - ’ويري گڊ.‘

ڪن ڪانپوءِ وري چوڻ لڳو - ’پاري هاڻي توکي ماڊرن ٿيڻو پوندو. اُتي ڇيڳڙائي سٺي ڪانہ ليکي ويندي آهي. ڏارين سان رشتا ناتا وڌائڻ لاءِ من محبت جو سهارو وٺڻو پوندو آهي. دل وڏي رکڻي پوندي آهي. دل ڏي دل وٺ. اُتي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي بہ الڳ قسم جي آهي. توکي اُتي پاڻ کي اِيڊجسٽ ڪرڻو پوندو.‘ پاري سڀ ڪجهہ چپ چاپ ٻڌي رهي هئي.

هڪ هلڪو جهٽڪو لڳو. پاري سمجهي ويئي تہ هوائي جهاز هلڻ لڳو آهي. ڪجهہ ئي پلن ۾ ايئر اِنڊيا جو هوائي جهاز آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. پاريءَ ڏٺو هيٺ سڀ ڪجهہ ننڍڙو ٿيندو ٿي ويو. شهر، ڳوٺ پهاڙ ندي سڀ ننڍڙا ٿيندا پئي ويا. اهو نظارو هن پهريون ڀيرو ڏٺو هو. هوءَ ان ۾ رمجي ويئي.

هن راڌي کي چيو - ’ڏسو ٿا ڪيڏو نہ من موهيندڙ نظارو آهي.‘

راڌي چيو - ’پاري، اوُچاين تي پهچي انسان کي سڀ ڪجهہ ننڍڙو نظر اَچڻ لڳندو آهي. هن جي سامهون اڳلي ماڻهوءَ جو وجوُد ئي ختم ٿي ويندو آهي. هوُ پاڻ کي، فقط پاڻکي ئي ڏسي سگهندو آهي. در حقيقت اِهو سڀ هن جي اکين جو دوش هوندو آهي.‘

ائين ڳالهيون ڪندي ڪندي ٻنهي کي خبر ئي نہ پيئي تہ وقت ڪٿان گذري ويو. سندن ڌيان تڏهن ٽٽو جڏهن مائيڪ تي انائونسمينٽ ٿي تہ اَسان دبئي ايئر پورٽ تي لئنڊ ڪرڻ وارا آهيون. مسافر پٽا ٻڌي پاڻکي سوگهو ڪن.

هنن پٽا ٻڌا. ڪن ڪانپوءِ هوائي جهاز دبئي ايئر پورٽ تي هو. هوُ ٻاهر نڪتا ڪاغذي ڪاروايون پوريون ڪرائڻ کان پوءِ هنن ٽئڪسي

سندس اول جي حيثيت جهڙوا سچ تہ ڪيس ڪابہ تڪليف ڪانهي. هو روز نيرن تي اڌ اوباريل انڊو کائيندو آهي؛ منجهند جي ماني ۽ کان پوءِ فروٽ کائيندو آهي ۽ رات جي روٽي ۽ کان پوءِ مٺائي کائيندو آهي. هوُ هميشه خوش رهندو آهي ۽ سيني سان کلي ڳالهائيندو آهي.

ائين تہ هن عمر ۾ بہ پنڌ ڪرڻ کيس وڻندو آهي پر ڪڏهن ڪيڏانهن پريرو اچڻو - وڃڻو پوي تہ ان لاءِ پٽس سندس لاءِ هڪ جدا ڪار وٺي رکي آهي ۽ هڪ ٿوري وقت وارو ڊرائيور بہ رکيو آهي. اول پٽس ئي کيس هرهنڌ وٺي ويندو هو پر پُٽ جون مشغوليون ڏسي، خود کيس ئي پُٽ کي ڪيڏانهن وٺي هلڻ لاءِ چوڻ ۾ سنڪوچ ٿيندو هو. پيءُ جي ان مانسڪ حالت کي سمجهي، پٽس سندس لاءِ جدا ڪار خريد ڪري رکي آهي. مطلب تہ کيس هر قسم جو سُک - سهنج ميسر آهي. حڪومتراءِ جي سَرَ تي بہ هو ڪار ۾ ويو هو ۽ ڪار ۾ ئي موٽيو آهي پر ان هوندي بہ هو پاڻ کي ٿڪل ۽ ساٺو محسوس ڪري رهيو آهي.


ائين ڪونهي تہ هيءُ ڪو مساڻي گيان جو نتيجو آهي. هو ڇهٽي وڏي عمر جو آهي ان ڪري گهڻن ئي پنهنجن عزيزن - دوستن جي موت کي ويجهائي ۽ تان ڏسي چڪو آهي. شهر جو بزرگ ۽ معتبر ماڻهو هئڻ سبب کيس شهر جي لڳ ڀڳ هر شادي ۽ - غمي ۽ جي ڪوٺ هوندي آهي، ان ڪري هو جيترا دفعا شادين جي منڊپن ۾ ويو آهي لڳ ڀڳ اوترا دفعا ئي مساڻن مان تي آيو آهي؛ پر اهڙي ٿڪاوٽ ۽ ساٺائي ۽ جو احساس اول کيس ڪڏهن نہ ٿيو آهي. پوءِ اڄ ڇو؟

هوُ آرام ڪرسي ۽ تي ليٽيو پيو آهي ۽ سندس اکيون ميز جي مٿان لڳل پنهنجي پيءُ جي فوٽي تي اٽڪيل آهن ۽ اڄ کان لڳ ڀڳ سٺ سال اول جو نظارو هن جي اکين اڳيان تري رهيو آهي. ڳالهہ سنڌ جي آهي.

سندس پتا جو جڏهن ديهانت ٿيو هو - تڏهن سندس عمر ١٩ - ٢٠ سال هئي. هوُ پاڻ ۾ ست ڀائر - ڀينر هئا - پنج ڀائر ۽ بہ ڀينر. هوُ

ڪهاڻي/ستيش روهڙا

اَرڙهون اَڌياءُ



حُڪومتراءِ جي سَرَ تان موٽڻ ڪان پوءِ هو پاڻ کي ٿَڪل محسوس ڪري رهيو آهي. هوُ جهڙو تهڙو سنان ڪري، ڪپڙا مٽائي، ڊرائنگ روم جي اڳيان واري حصي ۾ آرام ڪرسيءَ تي اَچي ويٺو آهي. هن حصي ۾ سندس لکڻ - پڙهڻ جي ميز - اسٽول پيا آهن. هيءُ حصو حقيقت ۾ ڊرائنگ روم جي اڳيان واري ورانڊي جو حصو آهي جنهن جي اڌ حصي ۾ پلاءِ وُڊ جي مدد سان پنهنجي سندس لاءِ اسٽڊي روم ٺاهي ورتو آهي. ائين ڪيس پنهنجي لاءِ لوڪلو هنڌ بہ ملي ويو آهي ۽ ڊرائنگ روم ۾ سندس ويهڪ گهٽجي ويئي آهي. جنهن سبب ڊرائنگ روم جي نيٽنيس سچو ڏينهن قائم رهندي آهي. ڊرائنگ روم جي نيٽنيس سندس نُنهن کي تمام گهڻي ضروري لڳندي آهي. ائين سندن لاءِ، يعني پاڻ ۽ سندس پتنيءَ لاءِ اندر هڪ الڳ ڪمرو بہ آهي. سندس زال گهڻو وقت ان ڪمري ۾ ئي گذاريندي آهي ۽ پاڻ گهڻو وقت پنهنجي اسٽڊي روم ۾ گذاريندو آهي.

هو هن شهر جو چڱو معتبر ماڻهو آهي. وڏي عمر هئڻ ڪري هاڻي هو شهر جي سرڪاري عهدن تي ڪونهي پر ڪنهن وقت هو هن شهر جو ڪافي اثر وارو شخص هو. ان ڪري اڄ بہ شهر جا ماڻهو سندس ڪافي عزت ڪندا آهن ۽ ساڻس ڳنڍجڻ ايندا آهن. جيڪي سندس گهڻو ويجهو هوندا آهن، انهن کي هو اسٽڊي روم ۾ وهاريندو آهي ۽ جن سان هو رسمي سنبنڌ سمجهندو آهي انهن کي ڊرائنگ روم ۾ وهاريندو آهي. سندس ڊرائنگ روم چڱو دبدبي وارو آهي -

ڪيس ست بار ڪونهن؛ ڪيس رڳو چار بار آهن - ٻه پُٽ ۽ ٻه ڌيئرُ. سيني ٻارن جي شادي ٿي ويئي آهي. هن جو هڪ پُٽُ انجنيئر آهي ۽ يو. ايس. اي. ۾ هڪ طرح سان سيٽلڊ آهي. سندس هڪ ڌيءُ ڪئناڊا ۾ رهندي آهي. هن جي ٻيءَ ڌيءُ جي شادي ڀوپال ۾ ٿيل آهي. باقي سندس هڪ پٽ هتي رهندو آهي جنهن سان هو گڏ رهندا آهن.

اَلائي ڇو هن کي خيال ٿو اَچي ته مان ٻه حڪومتراءِ وانگر اوچتو گذاري وڃان ته هڪ پُٽَ ڪانسواءِ هتي مون وٽ ٻيو ڪير هوندو؟ يو. ايس. اي. ۽ ڪئناڊا وارا ٻار ته پهچي ڪونه سگهندا ۽ ڀوپال واري ڌيءُ جي پهچڻ تائين ٻه منهنجي لاش کي سنڀالي رکڻ ڏکيو ٿيندو جو ڀوپال کان هن شهر تائين ڪائي فلائيٽ ته آهي ڪانه ۽ ڪا ٻه گاڏي ته ٢٤ ڪلاڪن کان گهٽ نه وٺندي. ۽ جي لاش دير سان کڻندا ته گهڻا ماڻهو ٻه ڪونه ايندا. اوچتو سندس ڌيان ڌيءُ کان هتي ماڻهن ڏانهن ٿو وڃي. هو سوچڻ ٿو لڳي ته منهنجي سَرَ تي اندازن گهڻا ماڻهو ايندا؟ هن جو اندر وارو چاهي ٿو ته جي موڪل جو ڏينهن هوندو ته هزار کن اچي ويندا. جي هزار نه ته ٻه ست - آٺ سَو ماڻهو ته ضرور ايندا. باقي جي ورڪنگ ڏينهن هوندو ته چار - پنج سَو ماڻهو مَس گڏ ٿيندا. پر ايترا ماڻهو ٻه ايندا؟ حڪومتراءِ جي سَرَ تي ٢-٣ سَو ماڻهو مس هئا ۽ مساڻ تائين پهچندي انهن مان سَو کن مس وڃي رهيا هئا.


ههَن من کي ڏڍُ ڏنو. حڪومتراءِ جي ٻي ڳالهه آهي، منهنجو ته گهڻن ئي ماڻهن سان ناتو رهيو آهي. اَلائي ڪيترن ماڻهن جا مون ڪم ڪيا آهن. ڇا اُهي منهنجي سَرَ تي ٻه نه ايندا؟ هتان جي اسڪولن ۽ ڪاليجن سان منهنجو ڪافي گهڻو واسطو رهيو آهي. رڳو ڪاليجن جا پروفيسر ئي ڏيڍ - ٻه سَو آهن ۽ اسڪولن جا ماستر ته انهن کان ٻه وڌيڪ ٿيندا؛ پر اُهي ته تڏهن اَچي سگهندا جڏهن منهنجي موت

سيني ۾ ننڍو هو. سندس پتا جي ديهانت وقت ست ئي ڀائر - ڀينر اُتي موجود هئا. هن کان وڏن ڇهن ڀائرن وار ڏنا هئا. ان کان سواءِ به ڪيترن سوَين- ماساتن جي ٻارن وار لهرايا هئا. سرَ تي حشام ماڻهن جا اَڇي ڪنا ٿيا هئا جيڪي ميل کن پري مساڻن تائين ڪلها مٽائيندا - 'رام نام سنگ هئه' چوندا ڪائي ڪٽي هليا هئا. الائي ڪيئن سندس من ۾ تڏهن خيال آيو هو ته هو مري ته پيءُ وانگر مري! سندس سيءِ ئي ٻار سندس ويجهو هجن ۽ شهر جا بي انداز ماڻهو ڪيس ڪلهو ڏيڻ - 'رام نام سنگ هئه' چوڻ لاءِ هجن. سٺ سال گذرڻ کان پوءِ به سندس اها خواهش جيئن جو تيئن قائم هئي؛ پر اڄ حڪومتراءِ جي سرَ تان موٽڻ کان پوءِ ڪيس هڪ قسم جي صدمي جو احساس ٿي رهيو هو. ڪارڻ هو حڪومتراءِ جي سرَ تي آيل ماڻهن جو ٿورو تعداد. حڪومتراءِ جهڙو معتبر ماڻهو جيڪو ڪيترا سال ميونسپالٽيءَ جو چيئرمن ۽ ٻين ڪيترين سماجڪ سنسٿائن جو سڀاپتي رهي چڪو هو ان جي سرَ تي آيل ماڻهن جو تعداد ٻه - ٽي سو مس هو. تنهن مان به گهڻا رڳو پاسي واري مندر تائين ڪائيءَ سان گڏ هليا هئا. مساڻن تائين پهچڻ وارن جو تعداد ڪافي گهٽ هو. مساڻ شهر کان هڪ ڪلوميٽر کن پري آهي پر اوستائين ڪائي ڪلهن تي کڻي هلڻ جو سوچڻ ئي اَجايو هو. ان ڪري هڪ سماجڪ سنسٿا دواران ميسر ڪرايل 'انتم ياترا' ٽرڪ ۾ لاش رکيو ويو هو جنهن سان گڏ ڪانڌي به ٽرڪ ۾ چڙهيا هئا. ڪانڌين مان به رڳو هڪڙو حڪومتراءِ جو ڀائٽيو هو؛ باقي هڪ حڪومتراءِ جي دوست جو پُٽ ۽ ٻه پاڙي وارا هئا. وار به رڳو حڪومتراءِ جي ڀائٽي ڏنا هئا جو ان ئي پِني پاتي هئي. حڪومتراءِ هن جو هم عمر به هو ۽ دوست به هو ان ڪري هو مساڻن تائين ويو هو.

سندس اکيان وري سٺ سال اول جو نظارو تري ٿو اچي. سچ ته سندس پيءُ جي مرڻ وقت اهڙو نظارو هو جو پاڻ به اهڙو موت مرڻ چاهيو هئائين.

ستيش روهڙا جي ڪهاڻي

اَرڙهون اَڌياءُ



هن ڪهاڻيءَ جا مکيه ڪردار آهن، حڪومتراءِ ۽ ’هو‘. حڪومتراءِ جي سر تان موٽڻ بعد هو اُداس آهي. هُن وٽ سياويڪ مساڻي گيان ۽ چت پرم آهي. هن ڪردار ذريعي ستيش سندس آس پاس جو ماحول خلقيو آهي. ڪيترن تفصيلن ذريعي ’هُن‘ ڪردار کي اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو پهه پڇائي ٿو تہ سندس موت بعد سندس ارٿي ياترا ۾ ڪير ڪير شريڪ ٿيندو.

سنتن مهاتمائن ۽ درويشن ماضيءَ کي وسارڻ لاءِ وڏا وڏا وعظ ڏنا آهن، پر اِنسان مري وڃڻ تائين ۽ مري وڃڻ بعد ماضيءَ کان ڪنجي نٿو سگهي. نيڪي بديءَ جي سماجڪ تارازيءَ ۾ هر وقت سندس تور تڪ ڪئي ويندي آهي. ماضي نہ هجي ها تہ اِنسان ذات جو اتهاس نہ هجي ها. پر اِتهاس راجائن، مهاراجائن ۽ سٽاڌارين کي خوش رکڻ لاءِ لکيو ويندو آهي، پرجا جي دُک سُک کي اگنور ڪيو ويندو آهي. اِتهاس عوام جي خون ۽ جنگين جو دستاويز پئي رهيو آهي.

اِنسان هڪ ئي وقت ٽن ڪالن ۾ جيئي ٿو. ڀوت، ورتمان ۽ ڀوشيہ. اِنسان جي اوقات بہ اِنهن ٽنهي ڪالن کي ڪٽي طئہ ڪئي ويندي آهي. اُنهن جي آڌار تي اِنسان جي ساک ۽ بدناميءَ کي پرکيو ويندو آهي.

هو ڪردار سنڌ ۾ ٿيل پنهنجي پتا جي موت بعد اَرٿي ياترا ۾ شريڪ ٿيندڙ هجوم رسمن ۽ رواجن باري ۾ سوچي ٿو. وقت بدلجڻ سان اِنهن رسمن ۽ رواجن ۾ تبديل ايندي آهي. ورهاڱي بعد سنڌي ٽڙي -پکڙجي ويا آهن. فاسٽ لائيف سبب وقت جي ڪمي آهي. اَرٿيءَ کي مساڻ تائين پهچائڻ جي سماجڪ مريادا هاڻ بار بڻجڻ لڳي آهي. ڇاڪاڻ اَرٿيءَ کي مساڻ تائين پهچائڻ ۽ مُردي کي جلائڻ تائين ٽي ڪلاڪ روڙن زندگي مان ڪڍڻ مشڪل بڻجي پيو آهي.

تي ڪاليج ۽ اسڪول بند ڪيا وڃن. ڪاليجن ۽ اسڪولن جا پرنسيپال ائين ڪندا؟ ڪري ته سگهن ٿا پر جي ائين ڪن! هوُ سوچي ٿو ته اسڪولن جو مئنيجر ائين ته منهنجو دوست آهي پر سندس من ۾ اڄان تائين اها ڳالهه کٽڪندي ٿي رهي ته مون سندس ماڻهوءَ کي ڪاليج ۾ ليڪچرار چونڊائڻ ۾ مدد نه ڪئي هئي. اها ڳالهه هوُ سدائين ورجائيندو رهندو آهي. هاڻي اُهي خار ڪڍندو ۽ اسڪول بند ڪرڻ کان پڪ انڪار ڪندو. ڪاليجن جا سنڌي پرنسيپال ته ڪاليج بند ڪرڻ کان ڪين ڪيٻائيندا باقي غير سنڌي پرنسيپالن بابت چوڻ ڏکيو آهي. باقي جي موڪل جو ڏينهن هوندو ته پوءِ ڪير به اَچي سگهي ٿو.

نه سوچيندي به اَلائي ڇو هن جي من ۾ آيو ته سندس موت موڪل جي ڏينهن ٿئي ته سٺو، جو موڪل جو ڏينهن هئڻ سبب سندس پٽَ کي به آفيس مان موڪل نه وٺڻي پوندي. پٽ جو خيال ايندي ئي هن پٽ بابت گهر مان پڇا ڪئي ۽ ڪيس خبر پيئي ته سندس پُٽ آفيس جي ڪم سان اڄ ٻاهر ويو آهي ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ موٽندو. اها خبر ٻڌندي ئي هو ٽڏو ٿي ويو ۽ سندس وات مان نڪري ويو 'ٻه ڏينهن! ٻن ڏينهن ۾ ته ......' هن جملو پورو نه ڪيو. گهڙيءَ کان پوءِ هو آرام ڪرسيءَ تان اُٿي ميز جي سامهون واري ڪرسيءَ تي اَچي ويٺو. هُن سامهون رکيل گيتا کڻئين. هو جڏهن به پاڻ کي منجهيل محسوس ڪندو آهي ته گيتا پڙهندو آهي. گيتا پڙهڻ سان هن جي من کي شانتي ملندي آهي.

هينئر به پڙهڻ لاءِ هن گيتا کولي ۽ الائي ڪيئن گيتا کولڻ سان گيتا جو ١٨ اَڌياءُ کُلي پيو. هُن کان ڇرڪ نڪري ويو. هن گيتا بند ڪري ميز تي رکي ۽ ميز جي مٿان لڳل پنهنجي پيءُ جي فوٽي کي ڏسندو رهيو.

5, Maleer
Adipur - 370205

منهنجي آزمودي موجب، ڪهاڻي يا هرڪا سرجيل ڪلا جي اتپتي ٽن دورن مان گذري ٿي. اندر ۾ ٻج جو پئدا ٿيڻ. اندر جي گهري سانت ۽ اسهه پيڙا جي پاڻي ملڻ سان اندر ۾ ٻوٽي يا وڻ جو اسرڻ. ٻج جي پاڻ کولڻ جي پرڪريا ڪن ڪلاڪن جي به ٿي سگهي ٿي ته ڪن سالن جي به. جاڳندي، ننڊ ڪندي سرجڻهار جي رت ۾ اها پيڙا گهمندي رهي ٿي، جيستائين، اهو زهر يا امرت رت مان نڪري پنهنجو جدا وجود نه جوڙي.

جيئن ماءُ کي احساس ٿيندو آهي ته ٻار اندر جي اوسر بعد ٻاهر نڪرڻ ٿو چاهي، تيئن ڪلاڪار به ڄاڻي وٺندو آهي ته اندر ۾ اُڪريل چٽر کي ٻاهر پني تي اُتارڻ جو وقت آيو آهي.

ڪي سمجهندا آهن، ائين رچنا مڪمل ٿي ويئي، ان کي پڌري ڪرڻ جي ويلا اچي ويئي. پر سڀ کان ڏکيو ڪم ان کان پوءِ جو آهي. رچناڪار کي خارجي نگاهه سان اهو پرکڻو آهي ته جو سچ سندس اندر ۾ هو ۽ جو هن ٻين سان ونڊڻ ٿي چاهيو ان کي ڪلاتمڪ نموني ۾ اظهارڻ ۾ هو سڦل ٿيو آهي يا نه. يا ٻين لفظن ۾ هو ڪلا جي سچ سان نڀائي سگهيو آهي يا نه.

ڪلا جو سچ ڇا آهي مان ان بحث ۾ نه ويندس اها هڪ جدا وشيه آهي.

سماجڪ جيون جي ڪن هلڪڙن پهلوئن کي ڏيکارڻ لاءِ ليکڪ هڪ طنزي نمونو اختيار ڪندو آهي جنهن ۾ هلڪي نموني ڪنهن خاص ڪردار جي نه، مٿاڇري تي جيئڻ واري طبقي جو ذڪر هوندو آهي. هئڙي قسم جي ڪهاڻي لکڻ ۾ نه دماغ تي بوجو پوندو آهي، نه دل تي. بس، قلم ليڪا پائيندو رهندو آهي ۽ ڪنهنجو به چٽر نهي پوندو آهي. هيءَ ڪهاڻي ستيش جي قلم مان آئي آهي، پر ستيش جي ڪهاڻي نه آهي. ڪو به هڪ شخص آهي، جنهن جي الڳ پهچاڻ نه آهي.

شايد جڏهين ڪجهه لاچاريءَ ۾ لکيو ويندو آهي يا تڪڙ ۾ به لکبو آهي ته ڪجهه اَهڙو مال نهندو آهي، جهڙي هيءَ ڪهاڻي آهي.

ايتري تڪڙ هئڙي قسم جي ادبي ڪلاس جو لکل پهلو آهي ۽ ليکڪ پنهنجو بهترين ڏيئي نه ٿو سگهي.

5/3, New Palasia,
Indore -452 001

ڦن ڪردار جهڙا تي ڪردار منهنجي جيون ۾ آيا. هندستان جو مکيہ سمپادڪ تيرٿ سباڻي، ڪالونيءَ جا ٻہ ڪانگريسي شيوارام لعلواڻي ۽ ڦيرڻ مل موٽواڻي، جيڪي ٻئي ميونسپل ڪائونسلر هئا. تنهي جي جيون کي ڪٿي ويجهي پوشيہ ۾ ڪهاڻيون لکندس. شخصي اَنيو جي آڌار تي چئي سگهان ٿو تہ 'هو' ڪردار جيوت ۽ سچو پچو لڳي ٿو.


ڦن ڪردار کي سياڻن جو قول بہ ياد نٿو اَچي تہ پاڻ مُئي کانپوءِ مري ويئي دنيا - ڪهاڻي اَٽينٽڪ آهي. لس ئي لس طرز بياني تفصيلن سان ڀرپور آهي. ڦن ڪردار کي موت جي چنتا ايترو نٿي ستائي، پر سندس موت بعد سندس اَرٿيءَ ۾ شامل ٿيندڙن جا پور ڪيس پريشان ٿا ڪن. ستيش هڪ سٺي ڪهاڻي لکي آهي.

آخرين منظرڪشي تہ ستيش ماهريت سان پيش ڪئي آهي.

گيتا ڪٽڻ - گيتا کولڻ سان ١٨ اَڌياءُ جو کُلڻ. ڦن کان چرڪ نڪري وڃڻ - گيتا کي بند ڪرڻ تي ميز مٿان پنهنجي پيءُ جي فوٽي کي ڏسندو رهڻ - پيڙهي در پيڙهي سنسڪارن - سپنن پرمن ۾ جيئڻ انسان جي ڊيسٽني آهي. ستيش سڦلتا سان اِن جو چترڻ ڪيو آهي.

120/114, Mulund colony,
Mumbai - 400 082

تبصرو- ٢/ڪرشن کٽواڻي



اَرڙهون اَڌياءُ

(آرام ڪُرسيءَ تي ليٽي لکيل ڪهاڻي)

ستيش پنهنجي ڪهاڻين جي پهرئين مجموعي 'رشتو' جي مهاڳ ۾ لکيو هو : منهنجي لاءِ ڪهاڻي لکڻ جو مطلب ڪهاڻي جيئڻ آهي. ڪهاڻي لکڻ کان اول مان ڪهاڻيءَ جي مول ڀاو کي ڏيستائين ڪلپنا ۾ جيئندو آهيان، جيستائين اهو منهنجو اَنيو بڻجي. ان ڪري منهنجي هر ڪهاڻي منهنجي سرجيل آتم انيو جي ڪٿا آهي.


منهنجي سرجيل آتم ڪٿا آهي.

نڪري ويندي هئي تہ اڄ انڪم ٽئڪس آفيس ۾ وڃڻو آهي، اڄ ڪورٽ جي تاريخ آهي. اڄ فلاڻو ڊرامو ڏاڍو سٺو آهي - پر تنهنجي نندڙن ٻارن کي ڪٿي ڇڏبو. وغيره ...... وغيره. ۽ ساڻ ساڻ ڪيس هدايتون تہ رچنا، پليز اسان کي موٽڻ ۾ شايد دير ٿي وڃي. ڪاڏو رڌي رکجانءِ. راڄوءَ سنجو موٽن تہ سندن خيال رکجانءِ ۽ باقي ڏينهن بہ ائين گذري ويا.

پڇاڙيءَ جي رات ٻارن کي سمهاريندي رچنا جي اک لڳي ويئي. جڏهن جاڳ ٿيس تہ ڏٺائين لڳ ڀڳ ٻارهن لڳڻ ۾ هئا - اَنوپ اڃان پنهنجي بستري تي ڪونہ هو. هوءَ ڪَرَ موڙي اُٿي کڙي ٿي ۽ ريشما چاچيءَ جي ڪمري طرف ويئي. ريشما چاچيءَ جي ڪمري مان هلڪي روشني پئي آئي. هن آهستگيءَ سان دروازي کي ڌڪو ڏنو جو ٻيڪڙيل هو. رچنا کي جهٽڪو اچي ويو جڏهن هن اَنوپ کي ريشما چاچيءَ جي ڀاڪر ۾ سميٽيل ڏٺو. اوچتو رچنا کي آيل ڏسي هنن ٻنهي ڪان ڇرڪ نڪري ويو ۽ هڪدم جُدا ٿي ويا. رچنا اُنهن پيرن سان ئي واپس پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آئي. پٺيان اَنوپ بہ 'رچنا رچنا' ڪندو پئي آيو. پر رچنا ڪمري ۾ پهچي جهٽ دروازي کي ڪڙو ڏيئي ڇڏيو. اَنوپ گهڻو ئي وقت دروازو کڙڪائيندو رهيو ۽ چيائينس، : تون غلط سمجهي رهي آهين. اَهڙو ڪجهہ بہ ڪونهي. پر رچنا دروازو ڪو نہ کوليو. ڪن تي ريشما چاچيءَ جي آواز جو پڙلاءُ پيس - 'صبح جو اُٿندي تہ ڀاڻيهي ٺيڪ ٿي ويندي. تون وڃي راڄو ۽ سنجوءَ جي ڪمري ۾ سمهي پئہ.' وري زور سان چيائين جيئن رچنا ٻڌي سگهي : 'مون نٿي ڄاتيو تہ رچنا ايتري شَڪي ۽ ننڍڙي دل واري هوندي - ڇا پُٽ ماءُ جي ڀاڪر ۾ نٿو سمهي سگهي؟' رچنا قدمن جي موٽڻ جو آواز ٻڌو.

ٻئي ڏينهن ڪين واپس موٽي بنارس وڃڻو هو. پر اُها پڇاڙيءَ

ڏنگُ



ڪيتري عرصي ڪانپوءِ مَس وڃي رچنا ۽ اَنوپ جو پاڻ ۾ ناهہ ٺيو هو. ريشما چاچيءَ جي ڪري هر وقت ٻنهي جي وچ ۾ ٺڏي جنگ جاري رهندي آئي هئي. جڏهن کان اَنوپ ڏهليءَ مان ريشما چاچيءَ وٽان ٿي موٽندو هو تہ رچنا کي لڳندو هو تہ هوءُ سندس اُهو اَنوپ ئي ڪونهي، جنهن سان هن ڪيترن ڪشالن کان پوءِ مائٽن کي مڃائي پيار جي شادي ڪئي هئي. ان ڪري رچنا کي ڏهليءَ جي نالي کان ئي نفرت هئي. پر هوءَ ڪيس ڏهلي وڃڻ کان روڪي بہ ڪانہ سگهندي هئي جو اَنوپ کي پنهنجي ڏاڏي جي گهر سان ڏهليءَ وڃڻو ئي پوندو هو. پر رچنا قسم کاڌو هو تہ گهٽ ۾ گهٽ هوءَ ڏهليءَ ڪانہ ويندي.

نہ ڄاڻ ڪيئن اَنوپ هن ڀيري رچنا کي ڏهليءَ هلڻ لاءِ مڃائي ورتو، انجام ڪيو تہ هوءُ کيس ڪنهن بہ قسم جي شڪايت جو موقعو ڪونہ ڏيندو. ٻارن بہ ڏهلي ڏٺي ڪانہ هئي. هوءُ سندس ۽ ٻارن جي پوري سنڀال ڪندو. هوءَ مٿس وشواس ڪري.

اُن وشواس جي سهاري ڏياريءَ جي موڪلن ۾ اٺن ڏينهن لاءِ ٻارن کي وٺي رچنا اَنوپ سان گڏ ڏهليءَ ويئي. پهريان بہ ڏينهن تہ خوب گهميا ڦريا. ريشما چاچيءَ جا بہ پُٽ پندرهن ۽ تيرهن ورهين جا ڪڏهن ڪين ڪمپني ڏيندا هئا تہ ڪڏهن پنهنجي پروگرامن ۾ مشغول هوندا هئا. بہ ڏينهن سک سان گذريا. ٽئين ڏينهن اُهيئي گڏهہ اُهيئي ڏاڙيون. ريشما چاچي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني اَنوپ کي وٺي

پڇي وڃڻ واري هئي. پر وقت سر پڪڙجي پيئي ۽ مائٽن جي زور بار هيٺ ڪيس پاڻ کان ٻارهن سال وڏي عمر جي شخص سان شادي ڪرڻي پيئي.

چاچو جيترو ئي گنڀير، ديرينو ۽ ٿور ڳالهائو هو. ريشما چاچي اوتري چنچل. ڪيس پنهنجي خوبصورتيءَ تي ٻانور هو. پاڻ کي پَري سمجهندي هئي. چاچو ته سندن چيچ ۾ ٻڌو پيو هوندو هو. چاچو نيويءَ ۾ وڏو آفيسر هو. اَڪثر جهاز تي گذاريندو هو. پر چاچيءَ کي ڪو فرق ڪونه پوندو هو. ٻارن کي آيا جي حوالي ڪري پنهنجي شغلن ۾ پوري هوندي هئي. ڪيس سڄو ڏينهن ڪپندي هئي رَمي ..... ڪِٽي پارٽي - هوٽلون ۽ سنيما. ڪيس ساهيڙين کان وڌيڪ بواءِ فرينڊس هئا. ڪڏهن ڪڏهن فئمليءَ ۾ اُن ڳالهه تي چرچا ٿيندي به هئي. پر سڀ سندس پرپٺ ڳالهائي چپ ٿي ويندا هئا. چوندا هئا - ميان بيبي راضي تو ڪيا ڪري قاضي.

هيل تائين رچنا پاڻ کي چوندي آئي هئي ته چاچيءَ کي هڪ بواءِ فرينڊ هجي يا چار، منهنجو اُن ۾ ڇا. بَس منهنجي مڙس کي بخشي. پر نه ڄاڻ ڪهڙو جادو ٿي ڪري متس جو سندس هڪ فون ڪال تي اَنوپ ڪو نه ڪو بهانو ڪري دهلي پهچي وڃي. دهليءَ مان موٽي ته ٽپ ٽپ تي مون مان وِڏون ڪڍي. ڳالهه ڳالهه تي ريشما سان منهنجي ڀيٽ ڪري. ريشما هيئن ..... ريشما هونءَ .... ريشما جي ٽيسٽ سٺي .... ريشما جو اسٽائيل سٺو - ريشما جا وار - ريشما جي چال ڍال ..... ريشما جو رنگ روپ وغيره وغيره. ۽ پوءِ شروع ٿي وڃي اَسان ٻنهي جي وچ ۾ اکرن جي لڙائي. مون کي نه اَنوپ جو چاچيءَ کي نالي سان سڏڻ به پسند ڪو نه هو. پر اَنوپ چوندو آهي ته هوءَ مون کان سَت سال ئي ته وڏي آهي. رشتي ۾ چاچي ضرور آهي پر آهي منهنجي بيسٽ فرينڊ.

جي رات رچنا ڦٽڪندي گذاري. سڄي رات اندر جهڄندي جُهرندي رهي. اَنوپ ۽ ريشما چاچي .... چي .... هوءَ پاڻ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ...... نہ نہ .... اهڙو ڪجهہ ڪونہ هوندو. منهنجو مَلين مَن ئي مون کي گمراهہ ڪري رهيو آهي. پر بار بار کيس نظر اچي رهيو هو ريشما چاچيءَ جي ياڪر ۾ سميٽيل اَنوپ جو جسم! ساڳئي وقت کيس ياد اچي ويو تہ سندن ئي پاڙي ۾ رهندڙ مسز ڪپور جو بہ پنهنجي ننڍي پيٽ جي گهوٽ سان اجوڳ سنبنڌ هو. جڏهن سندس پيڻ کي سندن رشتي جي سُڌ پيئي تہ هن آپگهات ڪرڻ لاءِ کُڏ تان ٽپو ڏنو. پر مورڳو هڏ گُڏ ڀڄي پيس ۽ اَپاهج زندگي گذاري رهي آهي.

پر مان مسز ڪپور جي پيڻ جيان ڪانئر ڪانہ آهيان. اَنوپ ۽ ريشما چاچيءَ جي وچ ۾ اَهڙو ڪو سنبنڌ آهي يا نہ آهي. پر مان پنهنجي زندگيءَ کي سندن هٿن ۾ کيڏوڻو ٿيڻ ڪونہ ڏيندس.

رچنا پنهنجي ٻن پٽڪڙين ڏيئرن ڏانهن نهاريو جي بي خبر ننڊ جي عالم ۾ آرامي هيون. رچنا پاسو ورايو. سمهڻ جي ڪوشش ڪئي - پر ننڊ ڪانئس ڪوهہ پري هئي. هوءَ سوچڻ لڳي نہ ڄاڻ چو ريشما چاچيءَ کي اسان جي پيار جي شادي برداشت ٿي نہ سگهي هئي. جيتوڻيڪ سندن شادي ڪرائڻ ۾ سندس گهڻو هٿ هو. کيس ياد آيو تہ شاديءَ جي پُهريَن ڏينهَن ۾ ئي جڏهن اَنوپ منهنجي اَڳيان پنيان پيو ڦرندو هو تہ چاچيءَ کي ڄڻ نانگ سنگهي ويندو هو. هڪ دفعي تہ مذاق مذاق ۾ چئي بہ ڏنائين ’اڳي تہ اَنوپ ريشما جي مالا جپيندي نہ ٿڪبو هو. هاڻي تہ جاپ ئي بدلجي ويو آهي.

اَنوپ ٻُڌايو هوم. چاچي جڏهن ارڙهين ورهئي جي هئي تہ سندس ڪنهن آواره ڇوڪري سان رستو هو. ذري گهٽ اُن ڇوڪري سان

معنيٰ پٽر تي ليڪ پئجي ويئي. پر ريشما ڪرامت ڪري ڏيکاري. ائين آهي يا نه؟ .....'

اَنوپ جي چهري تي شوخي صاف نظر پي آئي.

رچنا جو چهرو به ڪاوڙ وچان ڀريو پئي، پر وري به غم ڪائي، پاڻ کي ٺهر ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندي هن چيو، 'اُنهيءَ احسان جو بدلو مون کان چُڪائي چُڪائي ته ورتو اٿس.'

'مان به ته ٻڌان ڇا ڪيو اٿس؟'

'اُهو به اکرن ۾ ٻڌائڻو پوندو. اڄ اسان جي شاديءَ کي پنج سال ٿي ويا آهن. پر لڳندو ائين آهي ته تو مون سان نه، پر ريشما چاچيءَ سان شادي ڪئي آهي. چوئي اُٿ ته اُٿ - ويهه ته ويهه - اڄ رات جوءِ سان سُمهه ته سُمهه. چاچيءَ جو چمچو.'

'شٽ اَپ. جي هڪ به اکر وڌيڪ چيو اٿيئي ....'

'ته ڇا ڪندين؟ ڪڍي ڇڏيندين گهر مان؟ تون ته ڇا - تنهنجا ملائڪ به مون کي هٿ لائي ڪونه سگهندا. مان هينئر اُها هيٺي بيوس رچنا ڪانه آهيان جنهن کي تنهنجي ماءُ ۽ چاچي زر خريد ٻانهي سمجهنديون آهن. مون کي پنهنجي زندگيءَ جا پنهنجا مُلهه آهن. مان پڙهيل ڳڙهيل آهيان. مان پنهنجا ٻار پاڻ سنڀالي سگهان ٿي. تنهنجي ريشما چاچيءَ جيان ڪوکلي ڪانه آهيان. پنجٽيهن ورهين ۾ به پاڻ کي اجان سورهين ورهين جي ڪُمسُم پيئي سمجهي.'

ائين چئي هوءَ ڊرائنگ روم مان نڪري پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. ڪيس خبر هئي ته ڪنهن به دليل سان هوءَ اَنوپ جي دل مان چاچيءَ جي ڀوت کي ڪڍي ڪانه سگهندي. مورڳو هن پاڻ کي سمجهائي ڇڏيو ته ٻارن جي خاطر ڪيس اَنوپ سان رهڻو آهي .... ۽ زندگيءَ جي گاڏي ڇِڪڻي آهي.

پر هاڻي بَس .... اڄ کان ريشما چاچيءَ جو چئپٽر ختم. يا مان يا ريشما چاچي. مون کي اَنوپ سان هڪ هيڪاندي ڪرڻي پوندي.

بنارس ۾ پنهنجي گهر موٽيا. گهر اُهو ئي ساڳيو هو. سڀ ڪجهه ساڳيو هو. در دريون، فرنيچر، پردا، بيڊروم، رنڌڻو، رچنا، اَنوپ، پيار، ڪم واري مائي سڀ ساڳيا هئا. صرف بدلجي ويو هو رچنا جو من. رچنا ماٺ ڪري اختيار ڪئي هئي.

اَنوپ کي رچنا جي هيءَ عجيب ماٺ چيري ڦاڙي رهي هئي. هن چاهيو ٿي تہ رچنا ڪجهه ڇُلي ۽ پنهنجو غبار ڪڍي ۽ زندگي وري اڳي جيان هلڻ لڳي. پر رچنا جي زبان تي اهائي ماٺ جي مُهر. اَنوپ صبر وڃائي وينو ۽ کيس ڪُلهن کان ڌوڏيندي چيائين، ’آخر اهڙو ٿيو ڇا آهي جو ههڙي سانت ڪري اختيار ڪئي اَٿيئي؟‘

رچنا آخر چپ چوريا. پر تمام سانتيڪي آواز ۾ چيائين، ’مون توکي ڪجهه چيو آهي ڇا؟ .... بَس تون پنهنجي زندگي جيءُ ۽ مونکي پنهنجي زندگي جيئڻ ڏي.‘


اَنوپ خفي ٿيندي چيو، ’پر بہ اَهڙو ٿيو ڇا آهي؟ ريشما جي بستري تي مون کي سمهيل ڏٺئہ تنهن تان ايترو غصو.‘

رچنا اَنوپ ڏانهن نهاريو. هينئر سندس اکين ۾ باهہ هئي. پر تڏهن بہ هن ڪجهه ڪو نہ ڪڇيو.

اَنوپ جو آواز هينئر ضرورت کان وڌيڪ تکو ٿي ويو ۽ چيائين، ’احسان فراموش نہ ٿيءُ. ريشما نہ هجي ها تہ اسان جي شادي بہ نہ ٿي سگهي ها. توکي تہ خبر آهي تہ ممي نابري واري ويني هئي. هُن نہ ڪئي

ليک/واسديو موهي

هند جي سنڌي شاعريءَ ۾ ڪي اهم نوان آواز



اَئين تہ پوين ٻن اڍائي ڏهاڪن ۾ هند جي سنڌي شاعريءَ ۾ سو ڪن تہ واهہ جا نوان دستخط آيا آهن. البت جنجو نوٽ وٺي سگهجي اهڙا ويهہ - پنجويهہ شاعر/ ڪوي ضرور آهن، جنجي لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ هنن وٽ شاعراڻي اک آهي، جنهنجي آڌار تي هو پرايل انيون کي ڏسن ٿا، پرکين ٿا، اُنهنجو فوٽو کينچين ٿا ۽ اندر ۾ اُنهن جو ڪيميائي عمل ڪري اهڙو عڪس پيش ڪن ٿا جيڪو فوٽو ڪان وڌيک هڪ چتر لڳي ٿو. اَئين چئجي تہ آزمودن جي سڌي سنئين عڪاسي نہ ڪري، هو اُنهن کي آتم سات (Internalize) ڪري هڪ اهڙي چيز پيدا ڪن ٿا جيڪا اصلي آزمودي جي محض رپورٽ نٿي لڳي. شاعريءَ جي پرک لاءِ بيحد ضروري آهي تہ اِهو ڏٺو وڃي تہ شاعر پنهنجي انيو (experience) کي ڪيترو fossillize ڪيو آهي. مان اهڙن ڪن شاعرن/ ڪوين کي هتي ڇهوٽ ڪندس جن اِن اُصول کي سمجهيو آهي، ميڇيو آهي.

شڪو ڪلناڻي - ’شڪو‘ - ’شڪو‘ سالن کان لکندڙ آهي پر سندس پهريون مجموعو ’خمار ۽ غبار‘ ٢٠٠٣ ۾ ظاهر ٿيو آهي. ’شڪو‘ موزون شاعريءَ جي فني تقاضائن کان باخبر آهي ۽ شعر جي نفاست کي بہ خوب سمجهي ٿي :

هي قهقها کلڻ جا ۽ سڏڪا هي سوز جا،
هڪ راڳ ٻن سُرن ۾ ٻڌائي رهيو آ ڪير.
اونده مان جڻ نچوڙجي ايندي آ روشني،
جادو هي رات ڏن جو پسائي رهيو آ ڪير.   (ص ١٨)

۽ ....ائين وقت گذرندو رهيو.

ٽيو وري ائين جو ٻن ٽن سالن کانپوءِ ريشما چاچيءَ جو وڏو پٽ راجوءُ بنارس هندو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ وٽن اَچي رهيو. رچنا کي ڪو بہ اعتراض ڪونہ هو. هُن کي هنن ٻنهي ٻارن لاءِ پنهنجي ٻارن جيان پيار هو. خاص طور راجوءَ سان. هوُ هو بہ بيحد پيارو ٻار. لنبو چوڙو - خوبصورت جوان. رچنا ۽ راجو ڏير ڀاڄائيءَ کان وڌيڪ پاڻ ۾ دوست هئا. راجوءُ نہ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون بہ رچنا سان ڪندي نہ هڇڪندو هو.

هاڻي ريشما چاچيءَ جو رخ بہ بدليل هو. راجوءَ جي موهہ ۾ مهني ٻي سندس بنارس ۾ اچڻ پيو ٿيندو هو. تن ڏينهن ۾ بہ ريشما چاچي بنارس ۾ ئي هئي. هميشه جيان هوءَ ۽ اَنوپ ڊنر کانپوءِ ڊرائنگ روم ۾ پاڻ ۾ گپ شَپ لڳائي رهيا هئا. ريشما محسوس ڪيو تہ ڪافي دير ٿي ويئي آهي. هوءَ اَنوپ کي گُڊ نائيٽ چئي راجوءَ جي ڪمري ۾ ويئي. راجوءَ کي پنهنجي بستري ۾ نہ ڏسي هوءَ رچنا جي ڪمري ۾ آئي. راجوءَ کي رچنا جي بستري تي رچنا جي ٻانهن ۾ سمهيل ڏسي جلي ڀڄري خاڪ ٿي ويئي ۽ سمهيل راجوءَ کي ٻانهن کان ڇڪيندي چيائين ’بي شرم ..... بي حياءُ ....‘

رچنا راجوءَ کي اَچان بہ پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀيڙيندي چيو، ’ڇو پُٽ ماءُ جي ڀاڪر ۾ نٿو سمهي سگهي ڇا؟‘

ريشما چاچيءَ جو چهرو ڏسي رچنا کي لڳو تہ ڄڻ ريشما چاچيءَ کي هزارن وڇن گڏو گڏ ڏنگيو هجي!

A-1, Jack & Jill Apartments,
Narangi Baug Road,
Pune - 411001

ونود آسوداڻي - اکين سچي، انگريزيءَ جي ليڪچرار نوجوان ونود هندي غزل سان شروعات ڪري تازو ئي سنڌيءَ ۾ غزل لکڻ شروع ڪيو آهي. سندس پهريون مجموعو ’چڻگون چڻگون‘ ۲۰۰۳ ۾ ۽ ٻيون ’باهہ جون پاڙون‘ هن سال (۲۰۰۴) اِشاعت هيٺ آيل آهن. ونود جي شاعريءَ ۾ سوز جو ڏيمو ڏيمو ساز وڃندو رهي ٿو :

آهي آلاڻ بند اکڙين ۾
رات سڏڪا پري سمهيو هوندو
موت ئي مرڪ ڪا ڪٽي آيو
هو سچي زندگي رنو هوندو (باهہ جون پاڙون -ص ۳٦)

لڪشمڻ ڏُبي - لڪشمڻ بہ هنديءَ ۾ غزل لکندڙ آهي. هنديءَ ۾ هيل تائين هنجا ٽي سنگره ڇپجي چڪا آهن. سنڌيءَ ۾ هنجا بہ مجموعا ’آڳ ئي پهر اُباڻڪو‘ (۱۹۹۲) ۽ ’آڪاش جا ٽڪرا‘ (۲۰۰۱) ظاهر ٿيا آهن. هيءُ بہ اُداسيءَ جو ترجمان آهي :

اُداس ڇهرن جي پاڙي ۾
دربڻ لڳندو آهي ويچارو،
منو منو ۽ ڏنگ ڏنگ پڻ
جيون ماڪيءَ جو مانارو (آڪاش جا ٽڪرا -۸۲)

۽ شاعر جي هيءَ پيڙا بہ ڏسڻ لائق آهي :

ٿي چڪي ڌرتي سچي تقسيم آ
هاڻي هن آڪاش جا ٽڪرا ڪندا

شريڪانت صدف - ۱۹۹۰ ۾ شريڪانت جو پهريون غزلن جو مجموعو اهڙي وقت آيو جڏهن سنڌي شاعريءَ ۾ ڪيترن سالن کان ڪو اهم نئون آواز نہ ٻڌو ويو هو. هنجي غزلن جي پهرئين مجموعي ’نفرت جا گل‘ ئي سيني فڪرمند اديبن کي ڏڍ ڏنو تہ هند ۾ سنڌي

پلي پئي شعر روايتي تضادن تي ٻيٻل آهن (ڦهڪهه - سڏڪا، اونده - روشني) پر اُنهن جي فنائتي بندش، هڪ ئي راڳ جو ٻن سُرن ۾ ڳائجڻ ۽ اونده مان روشنيءَ جو 'نچوڙجڻ' پيارا اظهار آهن.

گوپال ٺڪر - گوپال کي ڪهاڻي نويس طور سڃاتو ويندو آهي پر تازو ئي سندس شعري مجموعي 'حيف تنين، وطن وساريو' (٢٠٠٤) ۾ چئن لفظن جي نظمي ڪاوش عجب ڳاڙهي خوشي ڏني. هو 'چواڪرا' کي شاعريءَ جي نئين صنف ٿو ڄاڻائي، جا صحيح دعويٰ آهي. صرف چئن لفظن ۾ شعر جو مڪمل مفهوم ظاهر ٿئي اهڙي شعري ڪوشش مون لاءِ پهريون آزمودو آهي. گوپال تجربي طور (experiment) تجربو نه ڪيو آهي، هن صنف کي کوجيو، کوٽيو (explore) به آهي.

لڪائين ڪنهنکان	چار چپ
ڪليل جهان (ص ١٠)	هڪ پيار (ص ١٤)
اُڏهي لڳي	جاڳي ننڊ
سنڌي ثقافت (ص ١٣)	ڪندو ڪر (ص ٢٣)

۽ هنجا اهڙا سوين 'چواڪرا' مجموعي ۾ توڙي مخزنن ۾ نظر اچن ٿا.

ڪيمن يو. مولاڻي - جيتوڻيڪ ڪيمن مولاڻي ڪيترن سالن کان لکندڙ پختو شاعر آهي پر سندس پهريون شعري مجموعو 'تارين جهليا پورُ' ١٩٨٦ ۾ شايع ٿيو. هنجي شاعريءَ ۾ جماليات ۽ خيال جا ڪيترا اَڇوتا مثال ملن ٿا :

چانڊوڪي اِئن ڇٽي وڻن مان
ڌرتي تي پئي داغن هاڻي (جماليات)
ويراني جو منهن ڏسندي ئي
ڪڪري پڻ تي پاٽي پاٽي (خيال)

اَمان مان توکي ٻڌايان تہ آسمان/ جا تارا ڪٿي نهيا؟
تُوکي ياد آهي تہ تنهن ڏينهن تو / ببلوُ کي فيبدر پٽي ڏنو
هن فيبدر ڪڍي کيو ’قوُ....‘
۽ تنهنجو منهن کير جي چنبڻ سان پرجي ويو (پوپٽ پڪڙيندي ص- ٧٣)

٢٠٠٣ ۾ هنجي ڪوتائن جو ٻيو مجموعو ’منهنجو نگر کهڙو‘ بہ پاٺڪن سامهون آيو.

مايا راهي - مايا بہ در اصل کهاڻي نويس آهي، ’احساس‘ (٢٠٠٣) ڪوتائي مجموعي ذريعي هن عورت ۽ مرد جي رشتي تي علحدين ڪندڻ کان شاعراڻي پڙتال ڪئي. تنهن ڪانسواءِ هنجي ڪوتائن ۾ شهري زندگيءَ جي عقوبتن جي بہ عڪاسي ملي ٿي:

بہ ٽرينون ڪئنسل/پليٽفارم تي هارجي ويل رش
حيواني سرين جون چڪيون/پيسجندڙ نفيس گوليون
غلط پليٽفارم تي آيل صحيح ٽرين/اِنساني ساگر جي ٽرين جي گهاگهر ۾/
سمائجڻ جي اسڦل ڪوشش .... (ص ١٨)

هارجي ويل رش (اڻاهہ بيترتيب پيڙ)، حيواني سرين جون چڪيون، (هوس مردن جي) پيسجندڙ نفيس گوليون (پيڙ ۾ بريءَ طرح ڦاٿل عورتون) ۽ گهاگهر ۾ ساگر اصطلاح جو جدا ڳانہ استعمال بيحد تخليقي اِظهار آهن.

۽
سرءُ جي/شڪل وٺ کي/آسمان ڏانهن
اُگهاڙيون ٻانهون کڻي/ٻاڏائيندي ڏسي/ڪلي ڏنم
هن منهنجي مٺي ۾ /چمڪندڙ چاندي ڏسي/مرکي چيو،
منهنجي ويل بهار/ تہ وري موٽي ايندي/
تنهنجي ڪوهيل جواني/ڇا واپس ورندي؟ (ص ٢٩)
عمر جي هڪ طرفي رفتار جو هيءُ هڪ اداس پهلو آهي.
ڪٿي ڪٿي مايا راهيءَ oxymoron (اهڙو اظهار جنهن ۾ بہ

شاعريءَ جي زمين بنجر نہ ٿي آهي. ’صدف‘ جا تنهن ڪانپوءِ ٽي ٻيا مجموعا اَچي چڪا آهن : نانگن جا ٻر (١٩٩٣)، ذهن جا قبيلا (١٩٩٦) ۽ ’وچ وارن ڪي لٽ بڻائي‘ (٢٠٠٤)، جن ۾ پهريان ٻہ غزلن جا آهن ۽ ٽيون ڪوتائن جو. غزل ۾ ڀرپور تغزل، چست بندش ۽ فني قوتن جي ڪري صدف هڪ پختي شاعر طور پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪري چڪو آهي :

ماڻهن جي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ سچ جو جزو نہ هو
هرڪو سٺو تہ هو، پوءِ بہ ڪوئي سچو نہ هو
ڪهڙي ’صدف‘ جي ڳالهہ ۽ ڪهڙا غزل ڇڏيو
شاعر جي خوب هو تہ ڇا سنڌ ۾ ڄميو نہ هو. (نفرت جا گل - ١٩)

۽

’حاسد‘ جو شعر، يار جو چهرو، گلن جو رنگ
پوشيدہ هڪ ئي ذهن ۾ ڪيڏا نہ ڏيان ها
غنچن جو ڪنهن آ خون ڪيو ڪهڙو سڱ ملي؟
پتن تي بيشمار هٿن جا نشان ها (نفرت جا گل -١٨)

ديوي ناگراڻي - ديوي پنهنجي پهرئين مجموعي ’غم ٻنل‘ (٢٠٠٣) ۾ ئي پختي وزن ۽ چست بندش واري شاعره طور اڀريان آئي آهي:

اُجڙي وڃي ٿو وڻ، جو اُکڙجي ٿو پاڙ کان
هيءُ ڳبرو وار پنهنجو ئي ڪوئي ڪري سگهي (ص ٣٨)

ڪهاڙيءَ جي ڳن ڏانهن نفيس اِشارو، جو وڻ مان ئي ٺهيو آهي.

موهن گيهاڻي - بنيادي طور موهن نثر نويس آهي. ڪهاڻي، عالماڻا ليک ۽ تواريخ هنجي دلچسپيءَ جي دائري ۾ آهن. ١٩٩٣ ۾، ’پوپٽ پڪڙيندي‘ ڪوتائن جو ڳٽڪو شايع ڪرائي هن گهري سوچ جي مفڪر اِهو ظاهر ڪيو تہ سندس سخت نوس سوچ جي هيٺان هڪ نازڪ شاعراڻي دل بہ آهي:

پڇيومانس/هن ڪلي ڏنو
هنجي ڪل ۾ لڪل هو/هن جي آس جو طلسم (ص ۱۲)

سنن ڏينهن جي اَچڻ جي آس، پر اِهو پڇڻ تي تہ روشنيءَ جو ننڍڙو ترورو سڄي حياتيءَ کي سُکيو ڪٿن رکندو، تہ ڪلي ڏيڻ. هاڻي 'آس' اميد آهي، سپنو آهي، طلسم صرف ڀرم آهي، مرگہ - ترشنا آهي ۽ ڪِل سچائيءَ جي سُڃيتائي آهي. يعني اِن حقيقت جي پوري ڄاڻ هوندي بہ تہ چوطرف اونده آهي. روشني صرف وهم آهي تہ بہ ڪا مجبوري آهي جنهن هيٺ آس پالڻ ضروري آهي. ائين، هريش اِظهار ۾ لفظن کي سندن محدود لغاتي معنائن کان ٻاهر ڪڍي، اُنهن کان سندن قد کان وڏو ڪم ورتو آهي.

اِندرا شبنم - اِندرا سنڌيءَ کانسواءِ هندي - اُردو ۾ بہ شاعري ڪري ٿي. 'شبنمي قطرا' (غزل ۽ آزاد نظم) ۽ تازو 'سلڻ جو سُک' (۲۰۰۰ - آزاد نظم) سندس ڏيان ڇڪائيندڙ مجموعا آهن.

هڪ ٻڍي مائي (سنڌيت) هڪ ڪنڊ مان اَچي
نياڻين جي ماءُ جي هٿ ۾
پنهنجي نٿ رکي
پيڙ ۾
غائب ٿي ويئي

سنڌي ثقافت جي گم ٿيڻ جو فڪر صاف نمايان آهي مٿين ڪوتا ۾. تنهن کانسواءِ

آرتوار هڪ گرم ساهہ/آرتوار هڪ ٿڌو شوڪارو
آرتوار هڪ وڌيل ٿڪاوٽ/آرتوار گڏجڻ مسجڻ ۽ بناوٽ

....

هڪ فرصتي ڏينهن جا جدا جدا پهلو اپاريندي رشتن جي مصنوعيت تي آڱر رکي ٿي هيءَ ڪوتا.

اَروڻ ٻاٻاڻي - اروڻ جا بہ مجموعا ڪڙڪٻيتا (۲۰۰۰) ۽ 'هڪ ٽڙو اَٿاهہ' (۲۰۰۱) شايع ٿيا آهن. سندس هڪ ننڍڙي ڪوتا

تضادي معنائن وارا لفظ اچن) جو قابل اُپيوگ ڪيو آهي:

ڪن جي زندگي/جيون پر بکون ڳيهي/اُکھاڙپ پھري ... (جيئڻ مرڻ ص ٣٤)

بکن سان ڳيهڻ، (بک - ڪاڏي ڪان دوري، ڳيهڻ - ڪائڻ جي علامت)

ساڳئي نموني اُکھاڙپ سان پھري.

وِمي سدارنگاڻي - وِميءَ جا ٻه ڪوتا سنگره شايع ٿيا آهن : سونهري رنگ جي ڪاراڻ (١٩٩٦) ۽ سڄ اَلائي ڪٿي ڪري پيو (٢٠٠٤)، جي صرف چرڪائيندڙ عنوان ناهن. هن ننڍي عمر جي شاعره جا خيال ٻه جهوپو ڏياري، سوچ لاءِ آماده ڪن ٿا :

’امان، بک‘/’ها، پٽ‘

ديگڙي، ڪيوي، ڪٽ ڪٽ

’امان، بک‘/’ها پٽ، باقي ٿوري دير‘

ديگڙي، ڪيوي، ڪٽ ڪٽ

’امان، بک‘ /’بس ٿوري دير‘

ٿوري دير؟/ ڳھڻي دير؟

ڪيوي، ٺڪ ٺڪ/ٻار لاءِ لوري آهن

رهجي وڃي ٿي ٺڪ ٺڪ (ص ٤٩)

هريش ڪرمچنداڻي - هريش جو پھريون ڪوتا - سنگره ’تنهن هوندي ٻه ....‘ هن سال (٢٠٠٤) ئي ڇپيو آهي. هي سپنن جو شاعر آهي، پر ٿوس حقيقتن کان ٻه با خبر آهي :

ايندا ضرور ايندا/سنا ڏينهن ضرور ايندا

هنجي اِها آس رهي سدا

زنده ۽ قائم/تمام ڏکين ڏينهن ۾ ٻه

سوجھري جو ننڍو ترورو

سڄي حياتيءَ کي ڪري سگھي ٿو روشن؟

جئرام چمناڻي ’ديپ‘ - سنڌ ۾ ’جئه ديپ‘ جي نالي سان مشهور جئرام هاڻ هند ۾ مقيم آهي. پنهنجي شعري مجموعي ’جيڪر مان پکي هجان ها ....‘ (٢٠٠٢) ۾ هن غزل، گيت، قطعا، وايون، تصويرون ۽ آزاد نظم ڏيئي وڏو ميدان سرڪيو آهي. هو شاعريءَ جي فني پهلن کان چڱيءَ طرف واقف آهي.

ماڪ جو پيي، وزن سهي نه سگهيو
چا گلن کان به وڌ ڪچو هوندو (ص ٢٥)
’ديپ‘ نماڻو ساڏن جهڙو
تڏهن ته هر هر پاڻ پڏائي (ص ٢٩)

گوپ ’ڪمل‘ - گوپ ’ڪمل‘ نثر ۾ ڪافي برجستو نالو آهي. ڪوتا ۾ هنجو پهريون مجموعو ’سرحدن تي گل‘ ١٩٨٨ ۾ ڇپيو ۽ تنهن کانپوءِ ’نند قتل‘ (١٩٩٠). پر هنجو ’واپسي‘ ڪوتا سنگره (١٩٩٠) هڪ زبردست ڪوتائي ڪاوش آهي. اِن ۾، گوپ ڪمل هڪ ئي ڪردار ڪنيو آهي جنهنجي آس پاس سڀ ڪوتائون اُڻيل آهن. هڪ ئي ڪردار تي مرڪوز هئڻ جي باوجود هر ڪوتا پنهنجي ليکي الڳ، خودمختيار ڪوتا آهي. واپسي - ١٩ ڪوتا جو هڪ ٽڪر آهي :

رکي رکي/قتاڪن جي ٺاٺا/ڪي ماڻهو رستي تي سمهيا پيا آهن/
ڳاڙهو رنگ مکي/هي ڪهڙو شهر آهي؟ هتي ته هولي ڏياري/گڏ پيا ملهائين!

ذڪر ڪيل شاعر/ڪوي جيتوڻيڪ ’نوان آواز‘ ۾ ڏنل آهن پر سڀني جي عمر ننڍي آهي، هرويرو اِئين ناهي. ڪي وڏي عمر جا به آهن. ’نوان آواز‘ ۾ انڪري ڏنا اٿم جو سندن پهريون شعري/ڪوتائي مجموعو گذريل ٻن ادائي ڏهاڪن ۾ ڇپيو آهي.

مٿين شاعرن کانسواءِ سريچند ڪيسواڻي، نندلعل پرسراماڻي، لعل هوتچنداڻي ’لاچار‘، وينا ڪرمچنداڻي، تڏارام پنجواڻي ’پيارل‘، چترو

عورت کي ڪلندو ڏس
ڪوڙ لڳندءِ (هڪ ڦڙو اٿاهه - ص ٥٥)

عورت جي بي پناهه پيڙائن ڏانهن اِشارو ڪري ٿي.

رشمي راماڻي - رشميءَ جا ڪوتا - سنگره هنديءَ ۾ ٻه ڇپيا آهن. سنڌيءَ ۾ هن جا ٻه مجموعا 'پڇرو' ۽ 'ڪڏهن ڪڏهن' (١٩٩٩) 'ڇاپيءِ' ۾ آيل آهن. هنجون گھڻيون ڪوتائون عورت مرد جي رشتي، رومانواد، سماجڪ سروڪار يا عورت جي درد تي ٻڌل آهن.

موهن همٿاڻي - موهن ٻن ڪتابن 'گونگي ڌرتي، ٻوڙو آڪاس' (١٩٨٨) ۽ 'بند ڪمري جا آواز' (٢٠٠٤) ۾ ڪوتا، نظم، وائي، تصويرون وغيره ڏيئي الڳ الڳ فارمس تي قلم آزمائي ڪئي آهي. سندس اڪثر ڪوتائون شهري عقوبتون چٽين ٿيون.

گھنشيام ساگر - گھنشيام جا 'سرد آهون' (١٩٨١)، ڦول چمن جا (١٩٨٢) ۽ عڪس اَڌورا (١٩٨٨) ڪوتائن جا مجموعا آهن. عڪس اَڌورا ۾ هنجا تنها ڏيان ڇڪائين ٿا ('تنها'، سدا حيات اِندر يوجواڻيءَ جي مروج ڪيل هڪ سِٽي ڪوتا آهي.)

'ٻُري ڪرسي' ۽ ملڪ پڻ، جي اُڏهي نيتا ۾ (ص ٧٧)
'ٻڪ' کي بس ڪرسي کپي، اچ جو روپ عجيب (ص ٧٩)

ڪوڏومل واڌواڻي 'جانب' - 'چو دل تي دل ڪان ڏار پرين' (١٩٩٢) ۽ 'روشني' (٢٠٠٢) 'جانب' جا هي ٻه مجموعا سندس فن ۽ خيال جا ضامن آهن:

اڄ مئو خواب ئي ڪري ويندس
جي نه پيڇو اُتي ڇڏائيندو
پنهنجو پاڇو ڏسي ڏکيو آ سو
ٻار پاڙي جا پيو ڏڪائيندو (روشني - ص ٢٦)

ليکراج پرياڻي (بڙودو)

ڪيتري وقت کان توهان ’رچنا‘ جي هينئن رچناڪار جي ائڊريس ڏيئي چڱو خاصو ڪم ڪيو آهي، جو پاڻ رچناڪارن سان سندن رچنائن بابت سڌو ئي تفصيلوار ويچارن جي ڏي وٺ ڪري سگهن ٿا ۽ چاهي ته ڪوئي قلمي دوستي به رکي سگهي ٿو.

مون کي ته ان جو هڪ شخصي فائدو ٿيو آهي. رچنا جي آڪٽوبر - ڊسمبر ٢٠٠٤ پرچي ۾ هڪ شاعر ڪندن لال واسواڻيءَ جو هڪ گيت ’تو چوآ دل هاري‘ سري هيٺ ڇپيو هئو جو منهنجو ماروٽ ٿئي پر هو صاحب ڪيتري وقت کان وسريل/وڇڙيل هئو. ان جي ڏنل ائڊريس سبب مونکي منهنجو ماروٽ ملي ويو. ڌنيوادا

چترو ناگپال (بئنگلور)

رچنا جو جنوري-مارچ ٢٠٠٥ پرچو مليو. نامديو واري ڪهاڻي ٿوري ڦيرڦار سان اڳ ۾ انگريزيءَ ۾ شايد An encounter with death ۽ هنديءَ ۾ اچي چڪي آهي.

هولارام هنس (ٿاڻا)

رچنا پهتي. پاءُ ڊولڻ راهيءَ جو فوٽو ڏسي خوشي ٿي. ههڙي معياري مخزن ڪڍڻ لاءِ سلام. سٺو ساهت سرير ۽ آتما جي خوراڪ مثل آهي. قلم رستي اسين پاڻ کي اظهاريون ٿا.

Printed and published at Adipur (Kachch) by Dr. Moti Prakash, Director, on behalf of the Indian Institute of Sindhology, Adipur (Kachch) - 370205 and printed at Sudha Offset Printers & Graphics, 25/34, 1st floor, Prince Market, Furniture Bazar, Ulhasnagar - 421003.
Edited by Lakhmi Khilani.

ناگپال، راج ڏاسواڻي، گھنشيام لوڪواڻي، ديا لعلچنداڻي، لتا ٽهلياڻي 'حجاب' ۽ نند جويري، اَرجن چاولا، شيلو تنها، پي. جي. ماکيجا، اَرجن ڪرپالاڻي، اَشوڪ منواڻي، پريمچند جيتواڻي، لکو چوئٿاڻي، ڀڳوان ٻاٻاڻي، دروپدي ڏنواڻي، ناري لڇواڻي، نيلو ميگھہ، مينا شهدادپوري، جيا پرڪاش، راجا نولاڻي، گيتا راج، وغيره اَهڙا نالا آهن جنجو شعر ڌيان ڇڪائي ٿو، پر وقت جي ڪوتاهيءَ سبب مونکي، صرف نالا ڏيئي سنتوش ڪرڻو پيو آهي.

نون شاعرن/ڪوين پنهنجي ليکي ڪا نئين ڌارا (trend) قائم نہ ڪئي آهي جئن ويهين صديءَ جي ستين ڏهاڪي ۾ اُن وقت جي نون ڪوين ڪئي هئي. اُن وقت نئين ڪوتا جي ڌارا زوردار نموني ڦهلي هئي ايتري قدر جو موزون شاعريءَ جي پيڙهہ جي شاعرن بہ ان کي اپنايو. پر سڀاڻي هي تخليقڪار ڪهڙو رُخ اپنائيندا، ڪهڙي راهہ ڏانهن مڙندا، چئي نٿو سگهجي. نارايڻ شيام جي هڪ وائي آهي :

ٽانڊاڻي جي لاٽ، رات، انڌاري پنڌ گھڻو
هڪ وک ڪٽندي روشني، ٻي وک ڪٽندي ٻاٽ

مون اڳ ڪٿي لکيو هو تہ شاعري لالٽين سان، رات جو، گهاٽي ٻيلي مان سفر آهي. لالٽين جي ننڍي گهيري واري روشنيءَ کان دور ڪهڙيون للڪارون (Challenges) ڪهڙا خطرا آهن، خبر ناهي. گهاٽي ٻيلي مان سفر، سڌي ليڪ تي تہ ناهي، پر هر اديب کي، خطرا ڪٽڻا آهن ۽ پيچرا ناهڻا آهن، پنهنجا نشان پوين جي لاءِ ڇڏڻا آهن، ورنہ لکن تہ هزارن ۾ ٿا.

('شاهہ، سچل، سامي پيپر ڪانفرنس، ڪراچي' لاءِ لکيل.)

A-355, Nayan Nagar,
Ahmedabad - 382345




Introducing
the
summer
shades
collection
Cambridge®
GOLD
COTTON BLENDED
Half Sleeves Shirts
Rs.295/-
Full sleeves shirts Rs. 325/-
LATEST
At Affordable Prices
FASHIONS
Cambridge Gold
presents
the new international
Summer Shades
Collection.
In newer, fresher, cooler palettes of 20 colours.
Available at all Cambridge Outlets.
® Registered trademark of Cambridge Enterprises.
For trade enquiries outside Mumbai contact : (022) 2437 3738 / (022) 2687 4854